جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC
CARTL
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاه
جلد 17 | اڱارو 13 آڪٽوبر 2026ع بمطابق 30 ربيع الثاني 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 02

خيبرپختونخواهہ ۾ گورنر راڄ کان پوءِ وڏو ڪريڪ ڊائون، پي ٽي آءِ جا 169 ڪارڪن گرفتار

سموري ضلعي ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف(پي ٽي آءِ) جا هينئر تائين 169 ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو ويو آهي، مختلف علائقن ۾ ڪارروائين جو سلسلو جاري

گرفتاريون شيوده اڏه يار حسين، رزڙ، صوابي خاص، ٽوپي، لاهور، گدون ۽ ضلعي جي ٻين علائقن ۾ ڪيون ويون آهن

گرفتار ڪيل ماڻهن ۾ پي ٽي آءِ جا ڪيترائي مقامي عهديدار ۽ متحرڪ ڪارڪن به شامل آهن، جن کي مختلف هنڌن تان ڪارروائين جي دوران گرفتار ڪيو ويو

پوليس ذريعن موجب گرفتار ماڻهن کي لانگ مارچ جي تيارين ۽ امن امان ۾ رنڊڪ وجهڻ جي خدشي سبب گرفتار ڪيو ويو آهي

سموري ضلعي ۾ پوليس جي وڏي نفري مقرر ڪئي وئي آهي، جڏهن ته اختيارين طرفان وڌيڪ گرفتارين جو امڪان به ظاهر ڪيو پيو وڃي

خيبرپختونخواهہ ۾ ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ لاڳو ٿيڻ کان پوءِ ضلعي صوابي ۾ پوليس ڪريڪ ڊائون تيز ڪري ڇڏيو

پشاور (م د) خيبرپختونخواهہ ۾ ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ لاڳو ٿيڻ کان پوءِ ضلعي صوابي ۾ پوليس ڪريڪ ڊائون تيز ڪري ڇڏيو آهي. پوليس ذريعن موجب سموري ضلعي ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف(پي ٽي آءِ) جا هينئر تائين 169 ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو ويو آهي، مختلف علائقن ۾ ڪارروائين جو سلسلو جاري آهي. ذريعن ٻڌايو ته گرفتاريون شيوده اڏه يار حسين، رزڙ، صوابي خاص، ٽوپي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

صارفين کان ٽيڪس وصول ڪري ڪيسي ۾ وجهندڙ ڪاروبار رعايت جا مستحق نه آهن: وزيراعظم

صارفين کان ٽيڪس وصول ڪري ڪيسي ۾ وجهندڙ ڪاروبار ڪنهن به قسم جي رعايت جا مستحق نه آهن وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ ايف بي آر اصلاحات جو جائزه اجلاس ٿيو

اجلاس دوران انهن پيداواري شعبن ۾ سيلز ٽيڪس لاءِ پيداوار جي نگراني مڪمل ڪرڻ جي هدايت پيداوار جي خودڪار نگراني جو نظام لڳائڻ ۾ رڪاوٽون ختم ڪيون وڃن

3 سالن ۾ حڪومتي قدمن سان 13 ٽريلين روپيه اضافي ٽيڪس وصول ڪيو ويو. پيداواري شعبي ۾ رضاڪارانه نگراني جو نظام لڳائيندڙ ڪاروبار قابل تعريف آهن

فيس ليس نظام جي تحت ڪيمرائن سان پيداوار جي نگراني موثر بنائي پئي وڃي. ٽيڪس جي مڪمل استعداد کي حاصل ڪرڻ لاءِ سمورا ضروري قدم کڻنداسين

وزيراعظم سيمنٽ جي شعبي ۾ پيداوار جي نگراني جي نظام جي آڊٽ رپورٽ ڪئي تعريف ڪندي آءِ ٽي واري وزارت کي هدايت ڪئي وئي

ٻين شعبن ۾ به پيداوار جي نگراني جي نظام جي موثر آڊٽ ڪئي وڃي ٽيڪس جي مڪمل استعداد موجب وصولي عوام جي حقيقي خدمت آهي

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته صارفين کان ٽيڪس وصول ڪري ڪيسي ۾ وجهندڙ ڪاروبار ڪنهن به قسم جي رعايت جا مستحق نه آهن. تفصيل موجب وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ ايف بي آر اصلاحات جو جائزه اجلاس ٿيو اجلاس دوران انهن پيداواري شعبن ۾ سيلز ٽيڪس لاءِ پيداوار جي نگراني مڪمل ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو ته پيداوار جي خودڪار نگراني /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اجلاس جي صدارت ڪندي

خيبرپختونخواهہ ۾ ايمرجنسي لاڳو ٿيڻ کان پوءِ مخصوص ضلعن لاءِ ايڊمنسٽريٽر مقرر، پڌرائي جاري

مخصوص 12 ضلعن جي ايڊمنسٽريشن جا معاملا ڏسندو. محمد يحيٰ اخونزاده کي وفاق کان خيبرپختونخواهہ ۾ مقرر ڪيو ويو

نئون مقرر ٿيل ايڊمنسٽريٽر محمد يحيٰ اخونزاده انهي کان اڳ وزيراعظم آفيس ۾ ايڊيشنل سيڪريٽري مقرر هو

نارٿ وزيرستان، سيڪريٽري هيلٿ، انفارميشن ۽ ايجوڪيشن خيبرپختونخواهہ ۽ ڪمشنر ديره اسماعيل خان به رهي چڪو آهي

پشاور (م د) خيبرپختونخواهہ ۾ گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي لاڳو ٿيڻ کان پوءِ مخصوص ضلعن جي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

پيٽروليم ليوي جي خاتمي جو مطالبو: وزيراعظم، حافظ نعيم سان ملاقات جو خواهشمند آهي: راڻا ثناءالله

شهباز شريف، جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم الرحمان سان ملاقات ڪرڻ چاهي ٿو

راڻا ثناءالله طرفان جماعت اسلامي جي نائب امير لياقت بلوچ کي اڄ فون ڪيو، جنهن ۾ پيٽروليم ليوي بابت ڳالهين جي حوالي سان ڳالهيون ڪيون ويون

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم جي سياسي معاملن بابت صلاحڪار راڻا ثناءالله چيو آهي ته شهباز /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

بيجانگ: وزيراعلي سنڌ ٿري گورجز ڊيم ۽ ميوزيم جو دورو ڪندي

رياض ايئرپورٽ تي ٻيهر حملو، پاڪستاني شهري مارجي ويو، 11 ڄڻا زخمي

آچر تي ايئرپورٽ کي هڪ اڻڄاتل پروجيڪٽائل سان نشانو بڻايو ويو

رياض (م د) سعودي عرب جي راڄڌاني رياض جي ڪنگ خالد انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي ٻن ڏينهن ۾ ٻيون ڀيرو حملو ڪيو ويو جنهن جي نتيجي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

اسان جو هڪ ئي مطالبو آهي ته افغان زمين اسان جي خلاف دهشتگردي جي لاءِ استعمال نه ٿئي: اسحاق ڊار

پاڪستان جو افغانستان کان صرف هڪ ئي مطالبو آهي ته افغان زمين اسان جي خلاف استعمال نه ٿئي، جيڪڏهن افغان طالبان شاگردن جي خلاف ڪارروائي نٿا ڪن ته هڪ ڏينهن انهن کي پاڻ به ڀوڳڻو پوندو

خطي ۽ دنيا جي لاءِ سڀني کان وڏو چيلينج دهشتگردي آهي، پاڪستان دهشتگردي جي خلاف جنگ ۾ تمام گهڻيون قربانيون ڏنيون آهن

پاڪستان همت، بهادري ۽ مضبوطي سان دهشتگردي کي منهن ڏنو دهشتگردي جي خلاف جنگ ۾ پاڪستان جي معيشت کي سخت نقصان کي منهن ڏيڻو پيو

اسلام آباد (بيورو) نائب وزيراعظم، پرڏيهي وزير اسحاق ڊار چيو آهي ته پاڪستان جو افغانستان کان صرف هڪ ئي مطالبو آهي ته افغان زمين اسان جي خلاف استعمال نه ٿئي، جيڪڏهن افغان طالبان شاگردن جي خلاف ڪارروائي نٿا ڪن ته هڪ ڏينهن انهن کي پاڻ به ڀوڳڻو پوندو، اسلام آباد ۾ سيمينار کي خطاب ڪندي اسحاق/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

جي بي ۾ پرڏيهي شهرين جي سيڪيورٽي سخت ڪرڻ جو فيصلو

سيڪيورٽي ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪندڙن جا لاڳاپيل اين او سي رد ڪرڻ جون هدايتون پڻ جاري ڪيون ويون

انسپيڪٽر جنرل پوليس گلگت بلتستان ڊاڪٽر اڪبر ناصر خان جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾ پرڏيهي شهرين جي سيڪيورٽي انتظامن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو

نان سي پيڪ منصوبن، ڪاروباري سرگرمين ۽ ڪاٽين وارن علائقن ۾ سيڪيورٽي انتظام وڌيڪ سخت ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي

گلگت (م د) گلگت بلتستان ۾ پرڏيهي شهرين جي سيڪيورٽي غيرمعمولي طور سخت ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. جڏهن ته سيڪيورٽي ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪندڙن جا لاڳاپيل اين او سي رد ڪرڻ جون هدايتون پڻ جاري ڪيون ويون آهن. ان/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

خيبرپختونخواهہ ۾ ڪيترائي ڪاروباري مرڪز ۽ آفيسون کلي ويون، تعليمي ادارا ۽ بي آر ٽي سروس بند

بورڊ بازار، ڪارخانو مارڪيٽ، رام پوري بازار، اشرف روڊ، پشاور صدر، پيپلز منڊي بازار ۽ يونيورسٽي روڊ تي واپاري سرگرميون جاري آهن

رنگ روڊ، سرڪلر روڊ ۽ ٻين شاهراهن تي به ٽريفڪ معمول موجب روان دوان آهي، پر خيبر روڊ ٽريفڪ جي لاءِ بند آهي

پشاور ۾ موبائل فون ۽ انٽرنيٽ سروس به بحال ٿي وئي آهي، پر تعليمي ادارا، اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيون اڄ به بند آهن

پشاور (م د) خيبرپختونخواهہ ۾ گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي لاڳو ٿيڻ کان پوءِ پشاور سميت صوبي ۾ معمول واري زندگي بحال ٿيڻ لڳي. شهر جي اهم روڊن تي ٽريفڪ روان دوان آهي. جڏهن ته مختلف ڪاروباري مرڪز ۽ آفيسون کلي ويون. بورڊ بازار، ڪارخانو مارڪيٽ، رام پوري بازار، اشرف روڊ، پشاور صدر، پيپلز منڊي بازار ۽ يونيورسٽي روڊ تي واپاري سرگرميون جاري /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

گذريل ٽن ڇئن مهينن کان پيپلز پارٽي ۽ ايم ڪيو ايم جا اڳواڻ نفرت جا ٻج پوکي رهيا آهن: زين شاهه

هن وقت قومي مالياتي ڪميشن (اين ايف سي) تحت وفاق کي 64.8 سيڪڙو ۽ صوبن کي 32.2 سيڪڙو حصو ملي رهيو آهي

1973ع جي آئين جي آرٽيڪل 239 ۾ نوان صوبا ٺاهڻ بابت ڳالهه ناهي ڪئي وئي

مڪاني ادارن ذريعي صوبائي حڪومتن کي غيرفعال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي اهڙو نظام آڻڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي

گذريل ٽن ڇئن مهينن کان پيپلز پارٽي ۽ ايم ڪيو ايم جا اڳواڻ نفرت جا ٻج پوکي رهيا آهن

سکر (م د) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي صدر سيد زين شاهه ڊسٽرڪٽ بار سکر ۾ خطاب ڪندي چيو ته ملڪ ۾ انتظامي نه پر ڍانچائي تبديليون ڪيون پيون وڃن ملڪ ٺاهڻ وقت مسلم ليگ جنهن تصور تحت بنياد رکيو هو. ان کان هٽي ڪري /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

حيدرآباد ڊويزن ۾ 15 ڏينهن لاءِ قلم 144 لاڳو، جلسن ۽ جلوسن تي پابندي

حيدرآباد (رپورٽر) حيدرآباد ڊويزن ۾ امن امان جي صورتحال کي نظر ۾ رکندي ڊويزنل ڪمشنر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

قومي اسيمبلي جي اسپيڪر پاران ڪوئيٽا ويجهو پاڪ فوج جي تربيتي جهاز جي حادثي ۾ 2 پائلٽس جي شهادت تي افسوس جو اظهار

اسلام آباد (بيورو) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق، ڪوئيٽا ويجهو پاڪ ف/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

واپاري برادري کي سهولتن جي فراهمي پهرين ترجيح آهي، حڪومت معاشي استحڪام ۽ سيڙپڪاري کي هٿي ڏيڻ لاءِ نوان قدم کڻي رهي آهي: قيصر احمد شيخ

لاهور (م د) سيڙپڪاري بورڊ واري وفاقي وزير قيصر احمد شيخ چيو آهي ته واپاري برادر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

ڪراچي: گورنر سنڌ نهال هاشمي سان وفاقي وزير محمد يوسف ملاقات ڪندي

ايمان ۽ چٺا سان وڪيلن جي ملاقات ڪرائڻ جو حڪم

دهشتگردي ٽوڙ عدالت جي جج طاهر عباس سپرا ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

جنهن دوران ڊاڪٽر شيرين مزاري، ايڊووڪيٽ رياست علي آزاد ۽ ايڊووڪيٽ ايمل خان عدالت ۾ پيش ٿيا

اسلام آباد (بيورو) دهشتگردي ٽوڙ عدالت، بيرير هٽائڻ واري دهشتگرديءَ جي ڪيس ۾ ايمان مزاري ۽ هادي علي چٺا جي وڪيلن کي جيل/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

رياض حملي ۾ پاڪستاني سميت 13 مارجي ويا، 308 زخمي

چنچر ۽ آچر تي ٿيل حملن ۾ سعودي عرب، آمريڪا، اردن، سوڊان جا شهري به مارجي ويا هئا. 308 زخمين ۾ به درجن ڀر پاڪستاني شامل آهن

پاڪستان جي وزيراعظم شهباز شريف حملي جي مذمت ڪندي پاڪستاني شهرين جي مارجڻ ۽ زخمي ٿيڻ تي افسوس ظاهر ڪيو

حوثي باغين جا حملا سومر تي به جاري آهن ۽ خميس ۽ مشيط تي فائر ڪيل ميزائيل سعودي ڊفينس سسٽم ناڪام بڻائي ڇڏيا

رياض(م د) رياض هوائي اڏي تي حوثين جي حملن ۾ مري ويلن جو انگ 13 ٿي ويو آهي جن ۾ هڪ پاڪستاني شهري، 2 بنگلاديش ۽ هڪ انڊيا جو آهي. چنچر ۽ آچر تي ٿيل حملن ۾ سعودي عرب، آمريڪا، اردن، سوڊان جا شهري به مارجي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

NADRA
Agreement Signing Ceremony
for
National Academic Record Integ Project (NARIP)
(Es), Sindh
ڪراچي: صوبائي وزير اسماعيل راهو جي اڳواڻي ۾ نادرا سان معاهدو ڪرڻ بعد صحيحيون ڪيون پيو وڃن

ڪراچي مان فتنه الهندستان ۽ فتنه الخوارج جا 3 دهشتگرد گرفتار، بارودي مواد هٿ

گرفتار دهشتگردن جي قبضي مان 2 دستي بم، هڪ تيار ٿيل ديسي ساخته بم (آئي اي ڊي) هٿ

گرفتار دهشتگرد شهر ۾ ڪجهه هنڌن ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي نشانو بڻائڻ جي منصوبه بندي ڪري رهيا هئا

ڪراچي (رپورٽر) سي ٽي ڊي ۽ وفاقي ڪجهي اداري شهر جي ٻن مختلف هنڌن تي گڏيل ڪارروائين ۾ فتنه الخوارج (ٽي ٽي پي) ۽ فتنه الهند/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

بنون ۾ ڪارروائي، 1 خارجي دهشتگرد مارجي ويو

ضلعي بنون ۾ انٽيليجنس بنيادن تي ڪيل آپريشن دوران هڪ خارجي دهشتگرد مارجي ويو

تصديق ٿيل اطلاع ملڻ تي سيڪيورٽي فورسز بنون ضلعي ۾ ڪارروائي ڪئي

بنون (م د) خيبرپختونخوا ۾ فتنه الخوارج خلاف سيڪيورٽي فورسز جون ڪارروايون جاري آهن. ضلعي بنون ۾ انٽيليجنس بنيادن تي ڪيل آپريش/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

مالاڪنڊ ضلعي ۾ 30 ڏينهن لاءِ قلم 144 لاڳو، سياسي گڏجاڻين تي پابندي

رياست ۽ سرڪاري ادارن خلاف نفرت انگيز تقريرن تي پڻ پابندي لاڳو ڪئي وئي

ضلعي جا سمورا سرڪاري ۽ خانگي اسڪول ۽ ڪاليج ٻن ڏينهن لاءِ بند رکڻ جو فيصلو

مالاڪنڊ(م د)مالاڪنڊ ضلعي ۾ 30 ڏينهن لاءِ قلم 144 لاڳو ڪري سياسي گڏجاڻين، جلسن، جلوسن ۽ تقريبن تي پابندي لاڳو ڪئي وئي آهي. /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

ڪراچيءَ ۾ مقابلا، 5 زخمين سميت 11 جوابدار گرفتار

اقبال مارڪيٽ پوليس ۽ شاهين فورس گڏيل ڪارروائي ڪندي هڪ زخمي سميت ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو

منگهو پير پوليس اجتماع ع گاهه پرسان فائرنگ جي ڏي وٽ ڪانپوءِ هڪ جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچيءَ جي ڇهن مختلف علائقن ۾ رات دير سان پوليس ۽ شاهين فورس جي مبينا مقابلن دوران پنج زخمين سميت 11 جوابدا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

ڪراچي ۾ قلم 144 لاڳو، احتجاجن تي پابندي

جيڪا 20 آڪٽوبر تائين برقرار رهندي. ان سلسلي ۾ نوٽيفڪيشن پڻ جاري ڪيو ويو

پابنديءَ جو اطلاق ڪراچي ڊويزن جي سمورن علائقن ۾ ٿيندو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچيءَ ۾ قلم 144 تحت گڏجاڻين، جلسن ۽ احتجاجن تي پابندي لاڳو ڪئي وئي آهي، جيڪا 20 آڪٽوبر تائين برقرار/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

ڪراچي: مقامي آرٽ گيلري ۾ عورتون آرٽ ڏسي رهيون آهن

عطا الله تارڙ اسلام آباد ۾ دهشتگرديءَ خلاف بدلجندڙ صورتحال بابت ڪوئايل ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

وفاقي سرڪار سهيل آفريدي جي گرفتاريءَ جي تصديق ڪري ڇڏي

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان جي وفاقي حڪومت خيبر پختونخوا ۾ ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ لا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

وفاقي گادي واري هنڌ کان ڪنٽينرز هٽائڻ جو ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي: ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري

اسلام آباد (بيورو) پارلياماني معاملن واري وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري چيو آهي ته وف/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

خيبر پختونخوا ۾ ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ کي عدالتن ۾ چئلينج ڪرڻ جو اعلان

غيرقانوني قدم خلاف اعليٰ عدالتن ۾ درخواست داخل ڪئي پئي وڃي: بابر مرتضي

اڱاري ڏينهن ڪراچي بار ۾ وڪيلن جي ايڪشن ڪميٽيءَ جو اجلاس ٿيندو، جنهن ۾ مستقبل جي حڪمت عملي جو اعلان ڪيو ويندو

لاهور (م د) لاهور هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن خيب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

بلاول ڀٽو اسلام آباد پهچي ويو، صدر آصف زرداري سان ملاقات جو امڪان

جتي صدر آصف علي زرداري ۽ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري اجلاس جي گڏيل صدارت ڪندا

اجلاس ۾ ملڪي سياسي معاملن ۽ پارلياماني معاملن بابت اهم معاملا غور هيٺ ايندا

اسلام آباد (بيورو) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري اسلام آباد پهچي ويو. جتي انهي جي اڄ ايوان صدر ۾ صدر آصف علي زرداري سان ملاقا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

اي پي پي ۽ علامه اقبال اوپن يونيورسٽي پاران مختلف شعبن ۾ تعاون تي اتفاق

اسلام آباد (بيورو) قومي خبررسان اداري ايسوسيئيٽيڊ پريس آف پاڪستان (اي پي پي) ۽ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

ڪوئيٽا لڳ تربيتي جهاز تباهه، ٻئي پائلٽ شهيد

ڪوئيٽا لڳ فني خرابي سبب مشاق جهاز ڪري تباهه ٿيو آهي جنهن ۾ ٻئي پائلٽ شهيد ٿي ويا آهن

انسٽرڪٽر پائلٽ ميجر حسنين شهزاد ۽ تربيت حاصل ڪندڙ ڪيپٽن عبدالصمد شهيد ٿي ويا آهن

راولپنڊي(م د) فوج جي تعلقات عام جي شعبي موجب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

ڪوئٽا لڳ تربيتي جهاز تباهه ٿيڻ جي نتيجي ۾ شهيد پائلٽن جا فائيل فوٽو

سنڌ حڪومت جو نادرا سان معاهدو، سڀني تعليمي بورڊن کي ڊجيٽل سسٽم سان ڳنڍڻ جو معاهدو

هن قدم جو مقصد شاگردن جي تعليمي رڪارڊ کي محفوظ بڻائڻ، سرٽيفڪيٽن جي تصديق ڪرڻ ۽ امتحاني نظام ۾ شفافيت کي فروغ ڏيڻ آهي

صوبي جي سڀني تعليمي بورڊن کي نادرا جي ڊجيٽل سسٽم سان ڳنڍڻ لاءِ هڪ معاهدي تي صحيحون ڪيون آهن: اسماعيل راهو

هي قدم صوبي ۾ تعليمي رڪارڊ کي ڊجيٽل ڪرڻ ۽ امتحاني نظام کي جديد گهرجن سان هم آهنگ ڪرڻ جي طرف هڪ اهم سنگ ميل آهي

ڪراچي(رپورٽر)سنڌ حڪومت صوبي جي سڀني تعليمي بورڊن کي نيشنل ڊيٽابيس اينڊ رجسٽريشن اٿارٽي (نادرا) جي ڊجيٽل سسٽم سان ڳنڍڻ لاءِ اڪيڊمڪ ريڪارڊ انٽيگريشن پراجيڪٽ تحت هڪ معاهدي تي صحيحون ڪيون/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

قومي تراني ۽ جهنڊي جو احترام نه ڪندڙ وڏا وزير نفرت جوڳا آهن: عظميٰ بخاري

جنهن صوبي جي حڪومت جي سرپرستيءَ هيٺ دهشتگرد محفوظ هجن ۽ پوليس توڙي عوام کي بي يارو مددگار ڇڏيو وڃي

جيڪو وڏو وزير قومي تراني ۽ جهنڊي جو احترام نه ڪندو هجي، اهو نفرت جوڳو هوندو آهي

گذريل 13 سالن دوران صوبائي حڪومت صوبي کي ڇا ڏنو ۽ عوام سان کهڙو ورتاءُ ڪيو، اهو سڀني آڏو پڌرو آهي

لاهور(م د) پنجاب جي اطلاعات واري وزير عظميٰ بخاري خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسي لاڳو ٿيڻ تي ردعمل ڏيندي چيو آهي ته جنهن صوبي جي حڪومت جي سرپرستيءَ هيٺ دهشتگرد محفوظ هجن ۽ پوليس توڙي عوام کي بي يارو مددگار/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

جمهوري پاڪستان لاءِ اسان هر قسم جي ڳالهين لاءِ تيار آهيون، گورنر راڄ خلاف جدوجهد به جاري رکنداسين: محمود اچڪزئي

سينيٽ ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ راجه ناصر عباس، چيئرمين پي ٽي آءِ بيرسٽر گوهر ۽ ٻين اڳواڻن سان گڏ پارليامينٽ جي ٻاهران پريس ڪانفرنس

مون کي چون ٿا ته محمود خان نٿو ملڻ چاهي، مان ملڻ چاهيان ٿو، هر جڳهه تي ملي وٺندس پر وزيراعظم هائوس ۽ اسپيڪر آفيس ۾ نه ملندس

تحريڪ انصاف کي روئڻ جي به اجازت نه آهي، هي مينڊيٽ به چوري ڪن ٿا ۽ روئڻ به نٿا ڏين

اسان آئين جو روئڻ روئي رهيا هئاسين ته هنن صوبي ۾ گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي لڳائي ڇڏي

اسلام آباد (بيورو) قومي اسيمبلي ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ محمود خان اچڪزئي چيو آهي ته اسان جمهوري پاڪستان جي لاءِ هر قسم جي ڳالهين لاءِ تيار آهيون پر گورنر راڄ جي خلاف جدوجهد به جاري رکنداسين، اسان کي عمران خان سان ملاقات /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

اسلام آباد: قومي اسيمبلي ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ محمود خان اچڪزئي ميڊيا سان ڳالهائيندي

سرڪاري حج اسڪيم 2027ع تحت حج جي خواهشمندن کان رهتن جي ٻي قسط جي وصولي جاري

اسلام آباد (بيورو) سرڪاري حج اسڪيم 2027ع تحت حج جي خواهشمندن کان رهتن /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

سيد يوسف رضا گيلاني پاران پاڪ فضائيه جي تربيتي جهاز جي حادثي تي افسوس جو اظهار

اسلام آباد (بيورو) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني، پاڪ فضائيه جي تربيتي جهاز جي حادثي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظها/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

ايس بي سي اي ايس بي سي ۾ شهر جي لحاظ کان هڪ نظام ٺاهيو ويو

آفيسرن ۽ عملي جي مقررين ۽ تبادلن جون منظوريون ڏنيون ويون آهن

سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي (SBCA) وڏي پيماني تي آفيسرن جي مقررين ۽ بدليون

ڪراچي(رپورٽر)سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي (SBCA)سنڌ حڪومت جي آفيس پاران جاري ڪيل سرڪاري نوٽيفڪيشن موجب، مقامي حڪو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

صنعت ۽ پيداوار بابت وزيراعظم جي صلاحڪار جي چيني شينگ تانگ گروپ جي وفد سان ملاقات

اسلام آباد (بيورو) صنعت ۽ پيداوار بابت وزيراعظم جي صلاحڪار هارون اختر خان سان چين/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

بلوچستان ۾ خوفناڪ حادثو، 9 ڄڻا فوت، 19 زخمي

ٽرڪ جي ٽڪر سبب وين کاهيءَ ۾ ڪري پئي، جنهن جي نتيجي ۾ جاني نقصان ٿيو

نصيرآباد ۾ ڊادر قومي شاهراهه تي پڻ ٽرڪ ۽ ڪاروچ ۾ حادثو پيش آيو

جنهن جي نتيجي ۾ ٽن عورتن سميت 4 ڄڻا فوت ٿي ويا، جڏهن ته هڪ شخص زخمي ٿي پيو

ڪوئيٽا (م د) بلوچستان جي علائقي مچ ۾ ٽرڪ ۽ وين وچ ۾ خوفناڪ حادثي جي نتيجي ۾ 9 ڄڻا فوت ۽ 19 زخمي ٿي پيا. پوليس موجب ٽرڪ جي ٽڪر سبب وين کاهيءَ ۾ ڪري پئي، جنهن جي نتيجي ۾ جاني نقصان ٿيو. هوڏانهن نصيرآب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
اڱارو 13 آڪٽوبر 2026ع بمطابق 30 ربيع الثاني 1448ھ

احتجاج کان بي خبر حڪمران، انصاف لاءِ سڏيندڙ وارث

سکر کان خبر آئي آهي ته سکر پريس ڪلب اڳيان 65 ڏينهن تائين احتجاجي ڪئمپ قائم رکڻ باوجود کهڙا شهر جي رهواسي نوجوان ليکڪ عامر انصاري جو ڪو پتو نه پئجي سگهيو آهي. جڏهن ته علي اصغر مگريو جي بازيابيءَ لاءِ به ڪا اڳڀرائي نه ٿيڻ سبب وارثن ۽ احتجاج ڪندڙن مايوسيءَ جو اظهار ڪندي ڪئمپ ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. عامر انصاري جي مبينا گمشدگيءَ کي 75 ڏينهن گذري چڪا آهن. پر سندس ڀيڻ ارم انصاري ۽ ماسي نسيم انصاري سميت وارثن کي اڃا تائين ڪا اطمينان بخش خبر نه ملي آهي. احتجاجي ڪئمپ جي اڳواڻن جو چوڻ آهي ته پوليس، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ چونڊيل نمائندن مان ڪنهن به سندن دانهن نه ٻڌي، جنهن ڪري هو احتجاجي ڪئمپ ختم ڪرڻ باوجود پرامن جدوجهد جاري رکندا. هي خبر رڳو هڪ نوجوان جي گمشدگيءَ يا هڪ احتجاجي ڪئمپ ختم ٿيڻ جي خبر ناهي، پر اها حڪمرانن، لاڳاپيل ادارن ۽ چونڊيل نمائندن جي ذميوارين، انساني حقن جي تحفظ ۽ ملڪ ۾ قانون جي حڪمرانيءَ بابت ڪيترائي اهم سوال اڀاري ٿي. هڪ جمهوري ۽ سڌريل معاشري ۾ ڪنهن به شهريءَ جي دانهن کي نظرانداز ڪرڻ جي گنجائش نه هوندي آهي. جيڪڏهن ڪو فرد پنهنجي ڪنهن پياري جي گمشدگيءَ خلاف هڪ ڏينهن لاءِ به احتجاج ڪري ٿو ته انتظاميا، پوليس ۽ لاڳاپيل اختيارين کي ان احتجاج جو نوٽيس وٺڻ، وارثن سان رابطو ڪرڻ ۽ مسئلي جي حل لاءِ عملي قدم کڻڻ گهرجن. جمهوريت جو اصل حسن ئي اهو آهي ته حڪمران عوام جي آواز کي ٻڌن. ادارا شهرين جي حقن جي حفاظت ڪن ۽ ڪنهن به ماڻهوءَ کي انصاف لاءِ در در ڌڪا کائڻا نه پون. پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته عامر انصاري جي وارثن ۽ ساٿين 65 ڏينهن تائين سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي ڪئمپ قائم رکي. ڏينهن رات پنهنجي پياري جي بازيابيءَ لاءِ آواز اٿاريو، پر سندن چوڻ موجب ڪنهن به لاڳاپيل اداري يا چونڊيل نمائندي سندن مسئلي جي حل لاءِ سنجيده ڪردار ادا نه ڪيو. اها صورتحال حڪمرانن ۽ ادارن جي بي حسيءَ جي انتها کي ظاهر ڪري ٿي، جنهن ۾ شهرين کي انصاف جي اميد سان احتجاج ڪرڻو ٿو پوي ٿو، پر سندن دانهن ٻڌڻ وارو ڪو به نظر نٿو اچي. عامر انصاري جي گمشدگيءَ جو معاملو ان ڪري به وڌيڪ حساس آهي، جو هو هڪ نوجوان ليکڪ ۽ سياسي سماجي سرگرمين سان لاڳاپيل شخص طور سڃاتو وڃي ٿو. ڪنهن به شهريءَ جي آزادي، سلامتي ۽ قانوني تحفظ کي سندس سياسي وابستگي، خيالن يا سماجي ڪردار جي بنياد تي گهٽائي نٿو سگهجي. جيڪڏهن ڪنهن شخص بابت ڪنهن به قسم جو شڪ يا الزام آهي ته ان جو حل قانوني طريقيڪار، شفاف جاچ ۽ عدالتي نظام وسيلي ئي ٿيڻ گهرجي. ڪنهن شخص جي گمشدگيءَ بابت اڻڄاڻائيءَ ۾ سندس خاندان کي ڊگهي عرصي تائين رکڻ نه رڳو وارثن لاءِ ذهني اذيت جو سبب بڻجي ٿو، پر معاشري ۾ خوف ۽ بي يقينيءَ کي به وڌائي ٿو. قانون جي حڪمرانيءَ جو تقاضو آهي ته هر شهريءَ جي حقن جو تحفظ ٿئي ۽ ڪنهن به شڪايت جي جاچ بنا فرق ۽ بنا دير ڪئي وڃي.

هن معاملي ۾ سڀ کان وڌيڪ ڏکوئيندڙ پهلو عامر انصاري جي ڀيڻ ۽ ماسيءَ جو احتجاجي ڪئمپ تان روئيندي واپس موٽڻ آهي. هڪ ڀاءُ يا ڀائٽيي جي گمشدگيءَ سبب اڳ ئي پريشان خاندان جڏهن انصاف جي اميد کڻي احتجاجي ڪئمپ تي پهچي ۽ اتي به کين ڪا خاطري يا اڳڀرائي نه ملي ته سندن ذهني ڪيفيت جو اندازو لڳائڻ ڏکيو ناهي. وارثن لاءِ احتجاج ڪو شوق يا سياسي سرگرمي نه، پر پنهنجي پياري جي بازيابيءَ لاءِ آخري اميد بڻجي ويندو آهي. جڏهن اهڙا ماڻهو به مايوس ٿي واپس موٽن ٿا ته اهو سوال پيدا ٿئي ٿو ته رياست جا ادارا آخر ڪنهن جي خدمت لاءِ قائم آهن؟ عوام جي جان، مال ۽ عزت جو تحفظ حڪومت ۽ رياستي ادارن جي بنيادي ذميواري آهي. اها ذميواري صرف بيانن، اعلانن ۽ دعوائن سان پوري نٿي ٿئي، پر ان لاءِ عملي قدم کڻڻا پوندا آهن.

احتجاج ڪندڙن اهو به چيو آهي ته عامر انصاري جي وارث عورتن سکر جي نئين مقرر ٿيل ايس ايس پي چوڌري جي گاڏي روڪي کيس پنهنجي دانهن ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سندن چوڻ موجب کين ٽائيم ڏيڻ لاءِ به مناسب ڌيان نه ڏنو ويو. جيڪڏهن واقعي ائين ٿيو آهي ته اهو انتظامي رويي تي سنجيده سوال آهي. پوليس جو ڪم رڳو ڏوهن جي جاچ ۽ جوابدارن جي گرفتاريءَ تائين محدود ناهي، پر عوام جون شڪايتون ٻڌڻ، ڏکويل خاندانن سان همدرديءَ جو مظاهرو ڪرڻ ۽ قانوني مدد فراهم ڪرڻ به ان جي ذميوارين ۾ شامل آهي. هڪ اعليٰ پوليس آفيسر وٽ هر مسئلي جو فوري حل شايد موجود نه هجي، پر متاثر خاندان کي ٻڌڻ، لاڳاپيل عملي کي جاچ جي هدايت ڏيڻ ۽ اڳڀرائيءَ بابت آگاهه ڪرڻ سندس انتظامي ذميواريءَ جو حصو آهي. وارثن جي دانهن کي ٻڌڻ لاءِ به جيڪڏهن ماڻهو پاڻ کي بي وس محسوس ڪن ته پوءِ عام شهري انصاف لاءِ ڪنهن در تي وڃي؟

جمهوريت رڳو چونڊون ڪرائڻ، اسيمبليون قائم ڪرڻ ۽ حڪومتي عهدا سنڀالڻ جو نالو ناهي. جمهوريت جو بنيادي مقصد عوام کي حق ڏيڻ، سندن آواز ٻڌڻ ۽ حڪمرانن کي جوابده بڻائڻ آهي. جيڪڏهن حڪمران عوام جي مسئلن کان لاتعلق ٿي وڃن، چونڊيل نمائندا متاثر خاندانن وٽ پهچڻ جي تڪليف نه ڪن ۽ لاڳاپيل ادارا ڪنهن احتجاج کي سنجيدگيءَ سان نه وٺن ته جمهوريت جو بنيادي تصور ئي ڪمزور ٿي وڃي ٿو. هڪ سڌريل معاشري ۾ احتجاج کي حڪمرانن لاءِ عوامي تڪليفن جو جائزو وٺڻ جو موقعو سمجهيو ويندو آهي. جڏهن ته هتي احتجاج ڪندڙن کي ڊگهي انتظار ۽ مايوسيءَ کان پوءِ ڪئمپ ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪرڻو پيو آهي. اهڙي روش عوام ۽ رياستي ادارن وچ ۾ اعتماد کي نقصان پهچائي ٿي، جيڪو ڪنهن به ملڪ جي سياسي ۽ سماجي استحڪام لاءِ سٺو سنوڻ ناهي.

هن معاملي کي رڳو عامر انصاري تائين محدود رکڻ به درست نه ٿيندو. احتجاج ڪندڙن علي اصغر مگريو ۽ سميت ٻين گم ٿيل ماڻهن جي بازيابيءَ لاءِ به آواز اٿاريو آهي. هر گم ٿيل شخص جي پويان هڪ خاندان، والدين، ڀائر، ڀينرون، زالون، ٻار ۽ اهڙا ڪيترائي ماڻهو هوندا آهن، جيڪي روز پنهنجي پياري جي واپسيءَ جي اميد سان زندگي گذاريندا آهن. انهن خاندانن جي تڪليف کي سياسي اختلافن يا انتظامي بي ڌيانيءَ جي ور چاڙهڻ بدران انساني بنيادن تي ڏسڻ گهرجي. حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن کي گهرجي ته گمشدگين بابت داخل شڪايتن جي تفصيلي جاچ ڪن، وارثن کي قانوني طريقيڪار بابت واضح ڄاڻ ڏين ۽ هر ممڪن اڳڀرائيءَ کان کين باخبر رکن. جيڪڏهن ڪنهن شخص خلاف قانوني الزام موجود آهي ته کيس قانون موجب لاڳاپيل عدالت آڏو پيش ڪرڻ گهرجي، جيئن انصاف جو نظام پنهنجي مقرر ڪيل طريقيڪار تحت ڪم ڪري سگهي.

انساني حقن جي تنظيمن، سول سوسائٽي، صحافتي ادارن ۽ سياسي جماعتن تي به ذميواري عائد ٿئي ٿي ته اهڙن معاملن تي پنهنجو ڪردار ادا ڪن. گم ٿيل ماڻهن جي وارثن جي آواز کي رڪارڊ ڪرڻ، سندن قانوني مدد ڪرڻ، لاڳاپيل اختيارين کان جواب طلب ڪرڻ ۽ شفاف جاچ لاءِ آواز اٿارڻ جمهوري سماج جي اهم ذميوارين مان آهي. پر سڀ کان وڏي ذميواري حڪومت ۽ انهن ادارن جي آهي، جن وٽ اختيار، وسيلا ۽ قانوني ذميواريون موجود آهن. عالمي انساني حقن جي ادارن ڏانهن اپيل ڪرڻ وارثن جي مايوسيءَ جو اظهار آهي، پر پنهنجي شهرين جي حقن جي حفاظت لاءِ بنيادي قدم کڻڻ رياست جي پنهنجي ذميواري آهي. ڪنهن به ملڪ جي عزت ۽ ساک جو دارومدار ان ڳالهه تي هوندو آهي ته اهو پنهنجي شهرين سان ڪهڙو سلوڪ ڪري ٿو ۽ سندن بنيادي حقن جي حفاظت ڪيتري حد تائين ڪري ٿو.

عامر انصاري جي بازيابيءَ لاءِ احتجاجي ڪئمپ ختم ٿيڻ کي مسئلي جي پڄاڻي نه، پر لاڳاپيل اختيارين لاءِ هڪ وڌيڪ سنجيده ياد ڏيارڻ سمجهڻ گهرجي. ڪئمپ ختم ٿيڻ سان وارثن جي تڪليف ختم نه ٿي آهي، نه ئي سندن سوالن جا جواب مليا آهن. ان ڪري حڪومت، گهوٽڪي، پوليس جي اعليٰ اختيارين ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن کي گهرجي ته عامر انصاري، علي اصغر مگريو ۽ ٻين گم ٿيل ماڻهن بابت شڪايتن جو نوٽيس وٺن، قانون موجب شفاف جاچ ڪرائين ۽ وارثن کي اڳڀرائيءَ بابت آگاهه ڪن. ساڳئي وقت چونڊيل نمائندن کي به پنهنجي تڪن جي ماڻهن ۽ متاثر خاندانن جي دانهن ٻڌڻ لاءِ اڳڀرائي اچڻ گهرجي. عوامي نمائندگيءَ جو مطلب رڳو ووٽ وٺڻ يا سياسي جلسن ۾ تقريرون ڪرڻ نه، پر ڏکئي وقت ۾ ماڻهن سان گڏ بيهڻ ۽ سندن مسئلن جي حل لاءِ آواز اٿارڻ آهي.

رياست جي اصل طاقت ان جي شهرين جي اعتماد ۾ هوندي آهي. اهو اعتماد تڏهن پيدا ٿيندو آهي، جڏهن ماڻهو محسوس ڪن ته سندن جان، آزادي ۽ عزت محفوظ آهي، سندن شڪايت ٻڌي وڃي ٿي ۽ انصاف لاءِ کين مهينن تائين انتظار نٿو ڪرڻو پوي. جيڪڏهن هڪ نوجوان جي گمشدگيءَ بابت 75 ڏينهن گذرڻ باوجود وارثن کي اطمينان بخش جواب نه ملي ۽ 65 ڏينهن جي احتجاج کان پوءِ به ڪئمپ ختم ڪرڻ تي مجبور ٿيڻو پوي ته اهو رڳو هڪ خاندان جو مسئلو نه، پر قانون جي حڪمرانيءَ ۽ ادارن جي جوابدهيءَ جو سوال بڻجي وڃي ٿو جمهوري ۽ سڌريل معاشري ۾ هڪ فرد جي هڪ ڏينهن جي احتجاج تي به نوٽيس وٺي ڪارروائي ڪئي ويندي آهي. هتي مسلسل 65 ڏينهن جي احتجاج باوجود ڪا نمايان اڳڀرائي نه ٿيڻ حڪمرانن ۽ ادارن جي بي حسيءَ جي انتها آهي. هاڻي ضرورت بيانن ۽ زباني خاطرين جي نه، پر سنجيده، شفاف ۽ نتيجا ڏيندڙ عمل جي آهي، ته جيئن عامر انصاري سميت ٻين گم ٿيل ماڻهن جا وارث پنهنجي پيارن جي واپسيءَ جي اميد ۾ وڌيڪ اذيت ڀري زندگي گذارڻ بدران انصاف حاصل ڪري سگهن.

ڪپتان سان ڪوتا ڪچهري

وزير علي سرڪي

ميڊيا ماستر لاهور جي سهڻي منڊي تي وي چينل تي هن کي هميشا طنزيه طور ميرا ڪپتان چيو آهي. سچ ۾ هو آهي به ڪپتان. چٽان جهڙو اسان جو ۽ پاڪستان جو ڪپتان. اڄ ڪلهه ملاقاتن ۾ ڪجهه نرمي ۽ جزوي اجازت آهي. مان به ان اميد تي پٽيالا جيل جي مين گيٽ وٽ وڃي بيٺس ته موقعو ملڻ تي ساڻس ڪا ڪچهري ڪري ونجي. گارڊ پڇيو ڪيئن بيٺو آهين؟ چيم پنهنجي پيرن تي! پڇيائين اوهان ڪير؟ چيم وزير! تڪ سليوٽ هڻي ڪيڊائين. صاحب حڪم؟ چيم جيل جو معائنو ڪرايو. چيائين اچو ريل مان لهي جيل ۾ آيس. جيل جو چپو چپو ڏٺم. اهو قيدي 8 سو سم تنگ ڪير آهي؟ چيائين اچو ملوس. اليڪ سليڪ ٿي. پڇيم ڪپتان ڪهڙا حال تي. چيائين حال هيٺا، سور ڀيٽا، هالي ته ڏينهن جا تارا تو ڏسان. چيم پوءِ هاڻي. چيائين بس... "ستارون سي آگي جهان اور ڀي هين، ايي عشق کي امتحان اور ڀي هين." گارڊ چيو هن تي پابندي آهي، توهان ٻئي رڳو شاعري ۾ ڳالهايو. ان تي ڪپتان نظمي نثر ۾ چيو: "هم ٻڙي ناز سي آئي تي تيري محفل ۾، ڪيا خبر تي لڳي اظهار پي تالي هونگي." پڇيم ڪهڙا ڪتاب پيا پڙهو، چيائين فقط پوئٽري جا پنج ڇهه ڪتاب آهن. پرواز جالنڌري، جوش مليح آبادي، پروين شاڪر، ڀڳت ڪبير، ساغر صديقي، فيض احمد فيض ۽ اقبال جا. جيڪي هر هر پڙهي پڙهي حافظ ٿي ويو آهيان. چون ٿا اقبال جرم ڪر، چوان ٿو "آسمانون سي جو فرشتي اتاري جائين، وپي اس دور ۾ سچ بولين تو ماري جائين." ساڻس مان هاڻي پنهنجي شاعري ۾ هڪ سوال تو پڇان: "ناڪردا گناهون کي سزا ڪيون ملتي هي، اب زبان درازي زهر ڪيون اڳلتي هي" اتي نوجوان گارڊ ڳالهايو ته مان به شعر ٻڌايان ٿو: "پوچني آتي هين هر روز آسيرون کي مزاج، ڪيون نهين ڪهتي ڪي جائو تجهي آزاد ڪيا" ڪپتان ان کي مڪمل ڪيو: "سوزش غم دي ڪراس ني مجهي ارشاد ڪيا، جا تجهي ڪشمڪش دهر سي آزاد ڪيا" ڪپتان کان پڇيم توهان هتي جيل ۾ خوش ته آهيو؟ ڪا تڪليف ته ڪانهي؟ منظوم جواب ڏنائين ته: "تجهه سي ڪرين تو ڪرين ڪن الفاظ ۾ شڪوا ان ڪا، جن ڪي نگاهه ستم ني مجهي برباد ڪيا" (توتي ڪهڙي ميار او يار، تنهنجي جفا ئي ته مونکي تباهه ڪيو آهي) ڪين جيڪو ڪرڻو هو سو ڪيائون، سندن بي وفائين ۽ بدسلوڪين جي ڪنهن کي ڇا دانهه ڏيان. پڇم اوهان کي ڪتان ڪان ڪتي ڪنهن پهچايو آهي، پنهنجن يا پراون؟ چيائين: "مجهه ڪو تو هوش نهين تم ڪو خبر هو شايد، لوگ ڪهتي هين ڪي اپنو ني مجهي برباد ڪيا." (آئون نه ٿو ڄاڻان، سمجهه ۾ نه ٿو اچي، ممڪن آهي اوهان کي معلوم هجي، عوام چوي ٿو ته مونکي پنهنجن ويجهن ئي تباهه ڪيو آهي) عوام پيو ڇا تو چوي؟ چوي ٿو "جن ڪي هونٽون پي هنسي، پائون ۾ ڇالي هونگي، هان وهي لوگ تمهين ڍونڍني والي هونگي" پيو "دل ڪي چونٽون ني چين سي رهني نه ديا، جب چلي سرد هوا هم ني تجهي ياد ڪيا" ۽ "راستي ياد نهين رهنما ياد نهين، تيري ڳليون ڪي سوا همين ڪچ ياد نهين" خواص لاءِ؟ ها؟ "اس ڪا رونا نهين ڪي تون ني دل برباد ڪيا، اس ڪا غم هي ڪي بهت دير سي برباد ڪيا" ڪي پي ڪي جي هن اهم وڏي ماڻهو بابت توهان جا تاثرات؟ چيائين: "ميري يقين ڪي ڪشتيان يونهي نهين ڊوبين، ميني ديڪا هي تجهي اورون سي دل لڳاتي هوئي" هاڻي واري پيش رفت ۾ به ٻڌو آهي هن پويان پير ڪيا آهن. "پارا پارا هئا پيرهن جان، ڦر مجهي چوڙ گئي چارا گران" (جڏهن منهنجي جسم جو سمورو لباس ليڙو ليڙو ٿي ويو ته قافلي وارا منهنجا سڀئي هم سفر مونکي اڪيلو ڇڏي هليا ويا) ۽ هن نوجوان لاءِ ڇا ٿا چئو؟ چيائين: "محبت مجهي ان جوانون سي هي، ستارون پي جو ڊالتي هين ڪمند" توهان جي حال جي ڪين خبر آهي؟ چيائين: "پتا پتا بوٽا بوٽا حال همارا جاني هي، جاني نه جاني ڳل هي نه جاني، باغ تو سارا جاني هي" (منهنجي حال جو علم سيني پراون کي آهي پر رڳو پنهنجا ئي بي خبر آهن) اهڙن ڪجهه ٻين جي باري ۾ چئو. چيائين: "هتي ته سر کان اول دل جو سودو شرط آهي، سرمد ۽ منصور ٿيڻ ڪو سولو ته ناهي" انهن جي ڪا خاص خوبي؟ چيائين: "و جب ڀي گيا لوٽا تو ميري پاس آيا، بس يهي بات هي اچي ميري هرجائي ڪي" پلا ٻاهرين ڊاڪٽر توهان جي چڪاس ڪئي، علاج ڏنائين؟ "اس ني جلتي هوئي پيشاني پي جب هات رکا، روح تڪ اتر گئي تاثير مسيحائي ڪي" پڇيم فيض ڇا تو چوي تبديلي پسندن لاءِ؟ چيائين: "اور ڀي دک هين زماني ۾ محبت ڪي سوا، راحتين اور ڀي هين وصل ڪي رات ڪي سوا" اڳتي چوي ٿو ته: "نهين نگاهه ۾ منزل تو جستجو هي سهي، نهين وصال ميسر تو آرزو هي سهي"

مون کيس ڀڳت ڪبير جي شعر جو خلاصو ٻڌايو ته ڏس ڪبيرا جيون جي ڪنورتا ڪجي وانگي ڍڪهي، اڄ اجهائڻ لاءِ پاڻي ناهي، ڪارڪون پهچ کان پري آهن، بک ڪيئن متائجي. تنهن تي هن هي شعر پڙهيو: "ٻڙا هٽا تو ڪيا هٽا، جيسي لمبي ڪجور، پنڇي ڪو ڇايا نهين، ڦل لڳي تو بهت دور" خير ڪائنس ملاقات ڪري موڪلايم ۽ گهر پهچي سوچيم ته متان سوچي ته اهو مسٽر مسنگ پرسن ته نٿي ويو هوندو، سو هن کي پيغام موڪليم ته: "اب ڪي هم بڇڙي تو شايد ڪيي خوابون مين ملين، جس طرح سوکي هوئي ڦول ڪتابون مين ملين"

ڪندا پوکي ڳلن جي اميد؟

سهيل وڙائچ

ڇا ڪڏهن نفرت جي پوک مان امن جو فصل تيار ٿيو آهي؟ ڇا ڪندا پوکي ان فصل مان ڪنول جا گل اپريا آهن؟ ڇا ڪڏهن دال جي ديڳڙي مان آلو گوشت پچي نڪتو آهي؟ اصل ۾ توهان جيڪو پوکيو ٿا اهو ئي لڻو ٿا. نفرت مان امن ڪيئن پيدا ٿي سگهي ٿو! ڪنڊن مان ڪنول جا گل نه پر ٻير ئي نڪري سگهن ٿا. ديڳڙي ۾ دال وجهو ۽ توقع ڪريو ته آلو گوشت پچي نڪري ته ائين نٿو ٿي سگهي. انگريزيءَ ۾ هڪ چوڻي آهي "What you think, You become" يعني جيڪو توهان سوچيو ٿا، توهان ئي ٿي بڻجي وڃو ٿا. فرد جي سوچ ان جي شخصيت ۽ عملن تي اثر انداز ٿئي ٿي. اڄوڪن مسئلن جي جڙ اسان جي اجتماعي سوچ جو عڪس ۽ غلطيءَ ۾ آهي. اسان جي سياسي لغت الٽي آهي. اسان خوبين کي خرابين ۽ خرابين کي خوبين جو نالو ڏيئي ڇڏيو آهي. پاڪستان جي سياست ۾ مفاهملت کي بزدلي ۽ تصادم کي بهادريءَ سان تعبير ڪيو ويندو آهي. اسان وٽ صلح کي گار تصور ڪيو ويندو آهي. ٻن مخالف گروپن ۾ مفاهمت کي "ڊي وٽ" جو منفي نالو ڏيئي ان جو مذاق اڏايو ويندو آهي. جڏهن لچڪ کي ڪمزوري، برداشت کي بزدلي، ڳالهين کي سودي بازي، ٺاهه کي اصول فروشي، محاذ آرائيءَ کي بهادري ۽ انتقام کي انصاف سمجهيو وڃي پران کي اعليٰ ترين سياست قرار ڏنو وڃي ته اتي مصالحت، مفاهمت يا صلح ڪيئن ٿيندو؟ وزيراعليٰ خيبر پختونخواهه وٽ چوائس ته ڪا به ناهي. هو صلح ڪن، لانگ مارچ ملتوي ڪن ته اجتماعي سوچ جي غلطيءَ کي عام ڪندڙ يوٽيوبرز جي هٿ چڙهي ويندا ته ڊي وٽ ٿي ويئي آهي. ڊيل ٿي ويئي آهي. اين آر او ٿي ويو آهي ۽ ائين ئي انهن جو سياسي قتل ٿي ويندو. هو صلح نه ڪري ۽ لانگ مارچ جاري رکي سياسي شهيد بڻجڻ کي ترجيح ڏيندا ته اڃا جوان آهن. سياست ڪرڻي آهي. سياسي شهيد کي ٻيهر زندگي ملي ويندي آهي. سياسي مقتول هميشه لاءِ دفن ٿي ويندو آهي. ان جو ته ڪو جنازو به ناهي پڙهندو.

جڏهن سوچ ۾ نفرت، زبان ۾ تلخي ۽ عمل ۾ تصادم لڪل هجي ته نتيجي ۾ امن، استحڪام، مفاهملت ۽ ترقي نٿا ملي سگهن. امن تڏهن ملندو آهي جڏهن پهرين امن جي خواهش پيدا ڪئي وڃي، امن پسند روين کي پيدا ڪيو وڃي. گاريون ۽ دهشت جو ڪلچر ختم ٿئي ۽ مفاهمت ۽ رواداريءَ کي اعليٰ ترين رويا سمجهيو وڃي. پاڪستان ۾ جنرل مشرف ۽ بينظير ڀٽو جي وچ ۾ اين آر او نالي مفاهمت کي جنهن طريقي سان ڊيل ۽ ڊي وٽ چئي رلايو ويو، ان جو لازمي نتيجو مفاهمت جي ناڪامي هئي. محترمه بينظير ڀٽو ڏينهن ڏٺي جو سرعام روڊ تي شهيد ڪئي ويئي. جنرل مشرف کي اقتدار مان فارغ ڪيو ويو. مطلب ڌ امن، صلح ۽ مفاهمت هارائي ويا، تصادم، جنگ ۽ محاذ آرائي کٽي ويا. بين الاقوامي سطح تي انور سادات ۽ ساڄي پاسي جي اسرائيلي وزيراعظم مناحم بيگن امن معاهدو ڪيو ته انور سادات کي سرعام گولين سان اڏايو ويو. امن پسند اسرائيلي وزير خارجه اسحاق رابن کي يهودي انتهاپسند امن جي حمايت ڪرڻ تي قتل ڪري ڇڏيو جڏهن امن پسندن لاءِ معاشري ۾ جڳهه تنگ ٿيندي آهي ته اتي جنگ ئي ٿيندي آهي وچ اوبهرجون اڄوڪيون حالتون ٻيهر امن جي خواهش پيدا ڪري رهيون آهن پر هر ڪو صلح کان ڊڄي ٿو ته ان جي صلح کي بزدلي ۽ ان جي مفاهمت کي پنهنجي اقتدار جي واڌاري ئي نه سمجهيو وڃي . ان خوف ۽ دٻاءَ جي ڪري جنگين کي پيدا ڪرڻ ۽ لڳاتار جنگي صورتحال پيدا ڪئي پيئي وڃي ۽ امن جي ڪوشش کي روڪيو پيو وڃي . تحريڪ انصاف ۽ حڪومت جي وچ ۾ جاري بحران به غلط اجتماعي سوچ جي سببن جي ڪري حل نٿو ٿي سگهي. مشرق جي حڪمت جي ستون مولانا روم سان منسوب فارسيءَ جو شعر آهي:

از مکافاتِ عمل غافل مشو
گندم از گندم بروید، جو از جو

يعني عمل جي نتيجن کان غافل نه ٿيو. ڪڻڪ مان ڪڻڪ ۽ "جُوءِ" مان جُوءِ ئي پيدا ٿئي ٿي. اهڙي طرح انگريزيءَ جوي مشهور چوڻي آهي ته

You can not make peace, by preparing for war

يعني توهان جنگ جي تياري ڪندي امن قائم نٿا ڪري سگهو. هاڻي هڪ طرف حڪومت اسلام آباد جا رستا روڪي رکيا آهن. سوين ماڻهو گرفتار آهن. سڄي ملڪ مان پوليس ۽ اڌ فوجي دستا گهرائي ورتا آهن. ٻئي طرف وزير اعليٰ سهيل آفريدي اقتداري گهوڙي تي سوار پنهنجي ئي صوبي جا مختلف شهر فتح ڪندو پيو وتي. ڳالهين جي ميز تي هار ڪٽ جڏهن انا جو مسئلو بڻجي وڃي ته پوءِ مسئلن جو فيصلو روڊن ۽ ميدانن ۾ ٿيندو آهي. ڳالهين کي ڪامياب ڪرڻ جو بنيادي اصول لچڪ آهي. جيڪڏهن ٻنهي ڌرين ۾ لچڪ هجي ته ڳالهين جي ڪاميابي سؤ سيڪڙو يقيني هوندي آهي. جيڪڏهن هڪ ڌر ۾ لچڪ هجي ۽ ٻيو ضد تي آماده هجي تڏهن به معاهدي يا مفاهملت جو 50 سيڪڙو امڪان هوندو آهي پر هينئر واري معاملي ۾ ٻنهي طرفن کان ساڳيو ئي ضد ۽ انا آهي. حڪومت عمران خان جي علاج ۾ ڍر ڏيڻ، بشريٰ بي بي کي بني گالا منتقل ڪرڻ ۽ سياسي قيدي عورتن بابت نرمي ڪرڻ تي آماده ٿي سگهي ٿي، پر ان جي موٽ ۾ هوءَ لانگ مارچ جي خاتمي ۽ صوبي ۾ آپريشن ۾ حصيداريءَ جي سخت شرطن تي عمل چاهي ٿي. حڪومت پنهنجي شرطن کان ڪن نار ڪندي ۽ پنهنجي شرطن تان هٽ ڪٽي معاهدو ڇو ڪندي؟ ۽ وزير اعليٰ آفريدي انهن ٻنهي شرطن کي مڃي سياسي خودڪشي ڇو ڪندو؟ ٻنهي جي موقف کي سمجهيو وڃي ته ڪو معاهدو ممڪن ئي ناهي. وزير اعليٰ لچڪ ڏيکاري ته ان جي سياست وڃي ٿي، حڪومت لچڪ ڏيکاري ٿي ته ان جو ڪنٽرول وڃي ٿو. ان ڪري مڪمل مفاهمت جو امڪان ناهي ۽ ان جو بنيادي سبب اسان جي اجتماعي سوچ جي ڪري آهي. ۽ جيستائين انتهاپسندي، گاريون، دهشت، زور زبردستي، مظاهرا ۽ ڌرڻا اسان جا پسنديده مشغلا رهندا. ملڪ جون اندروني لڙائيون وڌنديون رهنديون. برداشت جو ڪلچر ختم ٿيندو ويندو ۽ اسان انارڪيءَ جو شڪار ٿيندا وينداسين.

هونءَ آءُ هي ڪالم لنڊن ۾ ويٺي لکي رهيو آهيان. مون کي اڄوڪي پرامن ۽ پرسڪون لنڊن ۾ ان شهر جي تاريخ جا اهي ڏينهن ياد اچي رهيا آهن جڏهن ان شهر جي گهٽين ۾ خونريزي، مذهبي ۽ سياسي فساد عام هئا. جڏهن ٿي جتي جي ٿيٽرن ۾ پرتشدد منظر ڏيکاريا ويندا هئا. رت وهندي ڏسي عام ماڻهو لذت حاصل ڪندا هئا. تشدد ۽ لڙائي ڏسي عوام جوش مان تاڙيون وڄائيندو هو. اهو سورهين ۽ سترهين صديءَ جو لنڊن هو. اڄوڪي لنڊن جا اجتماعي رويا مڪمل طور تي بدلجي چڪا آهن. قتل جي خبر ڳولڻ سان به نٿي ملي. عوام تشدد ۽ انتهاپسند روين کان نفرت ڪري ٿو پهرين انسانن جو رت وهندي ڏسي مزو ورتو ويندو هو. هاڻي حال اهي آهي ته ڪو جانورن کي به تڪليف ڏئي ته ان جي اهڙي ڏوهي تي پوليس پهچي ويندي آهي. لنڊن جي مثال مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته اجتماعي رويا ئي عملن تي مڙهجي ويندا آهن. اسان پنهنجي معاشري کي پرامن ۽ پرسڪون بڻائڻو آهي ته نه صرف پنهنجي سياسي لغت کي تبديل ڪرڻو پوندو پر آئيني بندوبست تي سختيءَ سان ڪاربند رهندي انساني آزادين، سياسي ۽ ذاتي حقن جي تحفظ ۽ راءِ عامه جي آزاديءَ کي يقيني بڻائڻو پوندو. مفاهمت، امن، ڊيل، صلح، ڳالهيون ۽ لچڪ کي منفي نه پر مثبت انداز ۾ ڏسڻو پوندو. احتجاج، پيچ ڊاهه، ڌرڻن کي رد ڪرڻو پوندو. حڪومتي دٻاءُ، ڌونس ۽ شهري حقن جي خلاف ورزيءَ تي قانون جي اندر رهي آواز بلند ڪرڻو پوندو. هيرو ۽ ولين واري تصور کي بدلائڻو پوندو. پنجابي فلمن يا بالي ووڊ فلمن جو هيرو جيڪو لاشن جا ڍير لڳائي تشدد کي فروغ ڏئي ٿو، ان جي بجاءِ امن پسندن، جمهوريت پسندن ۽ آئين پسندن کي هيرو بڻائڻو پوندو.

آخر ۾ عرض آهي ته تاريخ جي مقرر ڪيل اصولن کان هٽي مثبت نتيجا حاصل ڪرڻ ڏکيو هوندو آهي. انهيءَ ڪري ئي ته چوندا آهن ته "جهڙو چلهو، تهڙي ماني" ۽ جيڪڏهن پنجابي مثال کي ورتو وڃي ته ان مطابق "جيهان منهن، ويسي چپيڙ" يعني "جهڙو منهن، تيئن ٿپڙ". موجوده بحران کي حل ڪرڻ لاءِ ڪو معجزو رونما ٿئي ته ٿئي، نه ته اسان جي اجتماعي روين جي روشنيءَ ۾ مفاهملت، صلح يا ڊيل جي ڪاميابيءَ جو ڪو امڪان ناهي ڇو ته جيڪو به لچڪ ڏيکاريندو اهو بزدل ۽ مصلحت پسند سڏائيندو. "بهادرن" جي هن دنيا ۾ صلح نه پر لڙائي ئي سڪو رائج الوقت آهي. لڙو ۽ لڙندا رهو...!!

بقايا 01 ***

جو نظام لاڳو ڪرڻ ۾ رڪاوٽون ختم ڪيون وڃن. اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙن کي بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته 3 سالن ۾ حڪومتي قدمن سان 13 ٽريلين روپيه اضافي ٽيڪس وصول ڪيو ويو. وزيراعظم جو چوڻ هو ته پيداواري شعبي ۾ رضاڪارانه نگراني جو نظام لاڳوڪندڙ ڪاروبار قابل تعريف آهن. فيس ليس نظام جي تحت ڪيمرائن سان پيداوار جي نگراني موثر بڻائي پئي وڃي. ٽيڪس جي مڪمل استعداد کي حاصل ڪرڻ لاءِ سمورا ضروري قدم کڻنداسين. انهي موقعي تي وزيراعظم سيمنٽ جي شعبي ۾ پيداوار جي نگراني جي نظام جي آڊٽ رپورٽ ڪئي تعريف ڪندي آءِ ٽي وزارت کي هدايت ڪئي وئي ته ٻين شعبن ۾ به پيداوار جي نگراني جي نظام جي موثر آڊٽ ڪئي وڃي. شهباز شريف وڌيڪ چيو ته ٽيڪس جي مڪمل استعداد حاصل ڪرڻ ۽ عوام جي حقيقي خدمت آهي. ٽيم ڏينهن رات محنت کان پوءِ ملڪي ٽيڪس استعداد بابت بهترين جائزو پيش ڪيو. هن ٽيڪس استعداد رپورٽ تيار ڪندڙ ٽيم جي تعريف ڪئي ۽ ميمبرن ۾ شيلڊز ورهايون. وزيراعظم ايف بي آر ٽرانسفارميشن ٽيم جي جامع ٽيڪس رپورٽ جي به تعريف ڪئي ۽ شيلڊز پيش ڪيون ويون.

بقايا 02 ***

لاءِ گريڊ 20 جو آفيسر محمد يحيٰ اخونزاده کي ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪيو ويو آهي. جاري ڪيل پڌرائي موجب محمد يحيٰ اخونزاده وفاقي حڪومت جي هدايتن موجب مخصوص 12 ضلعن جي ايڊمنسٽريشن جا معاملا ڏسندو. محمد يحيٰ اخونزاده کي وفاق کان خيبرپختونخواهه ۾ مقرر ڪيو ويو آهي. نئون مقرر ٿيل ايڊمنسٽريٽر محمد يحيٰ اخونزاده انهي کان اڳ وزيراعظم آفيس ۾ ايڊيشنل سيڪريٽري مقرر هو. انهي جو تعلق چارسده سان آهي. ياد رهي ته محمد يحيٰ اخونزاده انهي کان اڳ ايڊيشنل پوليٽيڪل ايجنٽ سائوٿ ۽ نارٿ وزيرستان، سيڪريٽري هيلٿ، انارميشن ۽ ايجوڪيشن خيبرپختونخواهه ۽ ڪمشنر ڊيره اسماعيل خان به رهي چڪو آهي. محمد يحيٰ اخونزاده جي مقرري ٻئي حڪم اچڻ تائين برقرار رهندي. انهي جون خدمتون سول سرونٽس ايڪٽ 1973 جي سيڪشن 10 جي تحت خيبرپختونخواهه حڪومت جي حوالي ڪيون ويون آهن. گذريل ڏينهن وفاقي ڪابينه جي منظوري صدر آصف زرداري طرفان سمري تي صحيح کان پوءِ خيبرپختونخواهه ۾ گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي.

بقايا 03 ***

شريف، جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم الرحمان سان ملاقات ڪرڻ چاهي ٿو. رانا ثناءالله طرفان جماعت اسلامي جي نائب امير لياقت بلوچ کي اڄ فون ڪيو، جنهن ۾ پيٽروليم ليوي بابت ڳالهين جي حوالي سان ڳالهيون ڪيون ويون. رانا ثناءالله لياقت بلوچ سان به ڳالهيون ڪندي چيو ته وزيراعظم شهباز شريف پنهنجي واعدي موجب جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم الرحمان سان ملاقات ڪرڻ چاهي ٿو. هوڏانهن وزيراعظم ۽ جماعت اسلامي جي امير وچ ۾ ملاقات کان اڳ ڳالهين واري ڪميٽي جي اجلاس جو امڪان آهي. اهڙن اجلاسن ۾ پيٽروليم ليوي جي خاتمي لاءِ واضح ايجنڊا ۽ نڪتن تي ڳالهيون ڪيون وينديون ته جيئن معاملي تي اڳڀرائي ٿي سگهي. لياقت بلوچ چيو آهي ته پيٽروليم ليوي جو خاتمو عوام جي حقيقي رليف ثابت ٿيندي هن چيو ته وزيراعظم جي درخواست تي لانگ مارچ ۾ وقفو ڪيو ويو هو. پر ليوي جي خلاف جلسن ۽ عوامي صحيحن واري مهم جاري آهي. لياقت بلوچ جو چوڻ هو ته جماعت اسلامي انهي وقت تائين پنهنجي تحريڪ جاري رکندي جيستائين عوام جي لاءِ ڪو رليف پيڪيج حاصل نٿو ڪري وڃي. هن پيٽروليم ليوي جي خاتمي کي عوامي رليف سان جوڙيندي واضح ڪيو ته مطالبن جي پوري ٿيڻ تائين احتجاجي سرگرميون جاري رهنديون.

بقايا 04 ***

تي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو ويو. صدر آصف زرداري ميجر حسنين شهزاد همايون ۽ ڪيپٽن عبدالصمد جي شهادت تي گهري ڏک جو اظهار ڪندي شهيدن جي وارثن سان دلي تعزيت ۽ همدردي ڪئي. صدر آصف علي زرداري ۽ شهيدن جي درجن جي بلندي ۽ وارثن لاءِ صبر جميل جي دعا پڻ ڪئي.

بقايا 05 ***

سيڪٽر جنرل پوليس گلگت بلتستان ڊاڪٽر اڪبر ناصر خان جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾ پرڏيهي شهرين جي سيڪيورٽي انتظامن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو ۽ سندن تحفظ کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ لاءِ اهم فيصلا ڪيا ويا. اجلاس ۾ سي پيڪ منصوبن، ڪاروباري سرگرمين ۽ سياحت وارن علائقن ۾ سيڪيورٽي انتظام وڌيڪ سخت ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي. ان سان گڏ پرڏيهي شهرين جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ لاءِ سيڪيورٽي آڊٽ ۽ امڪاني خطرن جو جائزو وٺڻ (ٿريٽ اسيسمينٽ) لازمي قرار ڏيڻ تي زور ڏنو ويو. آءِ جي پوليس چيڪ پوسٽن تي نگراني وڌائڻ ۽ نيشنل ڪائونٽر ٽيررازم اٿارٽي (نيڪٽا) جي ضابطن تي مڪمل عملدرآمد يقيني بڻائڻ جون هدايتون ڏنيون. اجلاس ۾ پرڏيهي شهرين جي اچ وڃ بابت اڳواٽ اطلاع ڏيڻ پڻ لازمي قرار ڏنو ويو. اختيارين کي هدايت ڪئي وئي ته سيڪيورٽي بابت سمورن قانوني گهرجن ۽ مقرر ڪيل شرطن تي سختيءَ سان عمل ڪرايو وڃي. ڀڃڪڙي جي صورت ۾ لاڳاپيل اين او سي رد ڪرڻ سميت ضروري قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي. آءِ جي گلگت بلتستان ڊاڪٽر اڪبر ناصر خان واضح ڪيو ته پرڏيهي شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ پوليس جي پهرين ترجيح آهي ۽ ان معاملي ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت برداشت نه ڪئي ويندي.

بقايا 06 ***

آهن. رنگ روڊ، سرڪلر روڊ ۽ ٻين شاهراهن تي به ٽريفڪ معمول موجب روان دوان آهي. پر خيبر روڊ ٽريفڪ جي لاءِ بند آهي. پشاور ۾ موبائل فون ۽ انٽرنيٽ سروس به بحال ڪئي وئي آهي. پر تعليمي ادارا، اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيون اڄ به بند ڪيا ويا. جڏهن ته بي آر ٽي سروس مسلسل ٻئي ڏينهن به معطل آهي. پشاور ۾ اڄ ٿيڻ وارا ميٽرڪ جا ضمني امتحان به ملتوي ڪيا ويا آهن. اختيارين موجب جلد نئون شيڊول بعد ۾ جاري ڪيو ويندو. ٻئي طرف پشاور سميت خيبرپختونخواهه ۾ پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ جي ڪرڪيٽ ٽرائلز ۽ پي سي بي جي ٽيلنٽ هنٽ اسڪول ٽورنامينٽ به ملتوي ڪيا ويا آهن.

بقايا 07 ***

ڳالهيون ڪيون پيون وڃن هن وقت قومي مالياتي ڪميشن (اين ايف سي) تحت وفاق کي 64.8 سيڪڙو ۽ صوبن کي 32.2 سيڪڙو حصو ملي رهيو آهي. 1973ع جي آئين جي آرٽيڪل 239 ۾ ترميم صوبا ناهڻ بابت ڳالهه ناهي ڪئي وئي، مڪاني ادارن ذريعي حڪومتي غيرفعال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. اهڙو نظام آڻڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي. جنهن ۾ وڏو وزير ڪنهن ۾ ضلعي چيئرمين کان ڇانٽو نه ڪري سگهندو سيد زين شاهه چيو ته گذريل ٽن چئن مهينن کان پيپلز پارٽي ۽ ايم ڪيو ايم جا اڳواڻ نفرت ڀڙڪائي رهيا آهن. احتجاج ڪرڻ جو حق کسيو ويو آهي. جڏهن ته جلسا ۽ جلوس ڪڍڻ تي حڪومتون ڪيرايون ويون آهن. سوال اهو آهي ته حڪومت ڪيرائڻ سان نفرت کان سوا ڇا حاصل ٿي رهيو آهي جي ان عمل سان امن امان، مزدورن جي سندن حق ۽ ملڪ ۾ استحڪام چاهيو ٿو. پر هن وقت سياسي غير يقيني واري صورتحال آهي ۽ ڪنهن کي به خبر ناهي ته سڀاڻي ڇا ٿيندو. پاڙيسري ملڪن سان لاڳاپا بهتر نه هوندا ته معاشي ترقي ممڪن نه ٿيندي. ساموندي پٽيءَ وارن علائقن ۾ سهولتن جي کوٽ سبب ماڻهو لڏپلاڻ ڪري رهيا آهن وڌيڪ چيو ته سنڌو درياهه کي تباهه ڪيو پيو وڃي. جڏهن ته گرين پاڪستان منصوبي تحت وڌيڪ زمينون ڏنيون پيون وڃن. صوبن کي پنهنجن وسيلن ۽ محصولن جو مالڪ هجڻ گهرجي جيڪڏهن چئن بدران وڌيڪ صوبا ناهيا ويا ته اين ايف سي ۽ 1991ع وارو پاڻي ناهه پاڻيءَ مرادو ختم ٿي ويندو سيد زين شاهه چيو ته اسان پاڙيسري ملڪن سان بهتر لاڳاپا چاهيون ٿا. جنهن سان واپار کي هٿي ملندي اولهه ۽ اوڀر وارين سرحدن تي حالتون بهتر ٿيڻ گهرجن ته ترقي ڪندو رستو کلي ۽ شروع کان اڳ ڪرڻ تائين سڄو سال پاڻي واهڻ گهرجي ۽ زراعت کي ترقي وٺرائڻ لاءِ قدم کنيا وڃن.

بقايا 08 ***

فياض حسين عباسي پاران فوري طور 15 ڏينهن لاءِ قلم 144 لاڳو ڪيو ويو آهي. جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب پنجن يا پنجن کان وڌيڪ ماڻهن جي گڏجاڻين، اجازت ڪنسرٽ، جلوس ۽ عوامي جلسن، روڊن جي بندش، هٿيارن جي نمائش، چڙ ڏيارڻ ۽ تقرير ۽ سوشل ميڊيا تي نفرت ڏياريندڙ مواد جي نمائش تي پابندي لاڳو هوندي. نوٽيفڪيشن ۾ چتاءُ ڏنو ويو آهي ته پابندين جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي. انتظاميا طرفان امن امان برقرار رکڻ لاءِ اهم قدم کنيا ويا آهن.

بقايا 09 ***

وچ جي تربيتي جهاز جي حادثي ۾ 2 پائلٽس جي شهادت تي افسوس جو اظهار ڪيو. قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ مطابق اسپيڪر پنهنجي تعزيتي پيغام ۾ ميجر حسنين شهزاد همايون ۽ ڪيپٽن عبدالصمد جي شهادت تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو. جڏهن ته شهيدن جي گهرڀاتين سان دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪيو هن چيو ته جهاز حادثي ۾ قيمتي انساني جانين جو ضايع ٿيڻ هڪ وڏو سانحو آهي. قومي اسيمبلي جي اسپيڪر شهيدن جي درجن جي بلندي ۽ پوئينرن لاءِ صبر جي دعا ڪئي.

بقايا 10 ***

ي کي سهولتن جي فراهمي اولين ترجيح آهي، وزيراعظم محمد شهباز شريف جي قيادت ۾ حڪومت معاشي استحڪام ۽ سيڙپڪاري کي هٿي ڏيڻ لاءِ ٺوس قدم استعمال ڪري رهي آهي. سيڙپڪاري بورڊ ڪاروبار ڪرڻ لاءِ سڌارن ۽ سيڙپڪارن کي سهولتون فراهم ڪرڻ تي عمل ڪري رهي آهي. خصوصي اقتصادي زونز جي ترقي، ون ونڊو سهولت جو قيام ۽ سيڙپڪارن کي بهتر ڪاروباري ماحول فراهم ڪرڻ حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي. هن اهڙو اظهار سومر ڏينهن لاهور چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري جي دوري جي موقعي تي ڪاروباري برادري کي خطاب ڪندي ڪيو. وفاقي وزير چيو ته سيڙپڪاري کي هٿي ڏيڻ لاءِ حڪومتي پاليسين ۽ ڪاروباري برادري وچ ۾ موثر رابطا ضروري آهن. خصوصي اقتصادي زونز جي ڪردار کي اجاگر ڪندي هن چيو ته هي زونز صنعتي ترقي، سيڙپڪاري ۽ روزگار واپار کي هٿي ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. حڪومت خصوصي اقتصادي زونز جي ترقي ۽ سيڙپڪارن کي هڪ ئي هنڌ تي سمورين ضروري سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ قدم کڻي رهي آهي ته جيئن ڪاروبار شروع ڪرڻ ۽ صنعتن جي قيام جي عمل کي آسان بڻائي سگهجي. هن چيو ته ڪراچي ۾ پاڪستان اسٽيل ملز جي اٽڪل 6 هزار ايڪڙ زمين کي خصوصي اقتصادي زون ۾ تبديل ڪرڻ جي رٿابندي ڪئي پئي وڃي. هن نجي شعبي تي زور ڀريو ته هو ان منصوبي سميت ملڪ ۾ دستياب سيڙپڪاري جي موقعن مان فائدو کڻي ۽ صنعتي ۽ معاشرتي سرگرمين کي هٿي ڏيڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري. هن سيڙپڪاري بورڊ طرفان جاري سڌارن جي عمل جو مقصد طريقيڪار کي آسان بڻائڻ، غيرضروري ضابطا ختم ڪرڻ ۽ گهٽ ڪرڻ، سرڪاري ادارن وچ ۾ رابطڪاري بهتر بڻائڻ ۽ ڪاروبار ۽ سيڙپڪاري لاءِ وڌيڪ شفاف ۽ سازگار ماحول فراهم ڪرڻ آهي. وفاقي وزير چيو ته حڪومت سيڙپڪاري کي هٿي ڏيڻ، ڪاروباري برادري کي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ پاليسي سازي ۾ واپارين جي موثر شموليت کي يقيني بڻائڻ لاءِ لاهور چيمبر سان گڏجي ڪم ڪندي.

بقايا 11 ***

۾ ملاقات ڪرائڻ جي حڪم تي عمل نه ڪرڻ تي ڇڏيو. دهشتگردي ٽوڙ عدالت جي جج طاهر عباس سپرا ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. جنهن دوران ڊاڪٽر شيرين مزاري، ايڊووڪيٽ ايمان مزاري ۽ هادي علي چٺا پيش ٿيا. ايمان خان ڪيس عدالت ۾ پيش ٿيا. عدالت رياست علي آزاد، زينب جنجوعه ۽ ايمل خان کي ايمان مزاري ۽ هادي علي چٺا سان جيل ۾ ملاقات ڪرائڻ جي هدايت ڪئي. ٻڌڻي دوران وڪيل رياست علي آزاد موقف اختيار ڪيو ته جيڪڏهن ايمان مزاري ۽ هادي علي چٺا سان ملاقات نه ڪرائي وئي ته هو ڪيس جي ڪارروائي کي اڳتي ڪيئن هلائي سگهندا. ان موقعي تي جج طاهر عباس سپرا ريمارڪس ڏنا ته دهشتگردي ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي روزاني بنياد تي ٻڌڻي ٿيڻ گهرجي. هن سرڪاري ڌر جي وڪيل کان پڇائو ڪيو ته ڪيس ۾ وڌيڪ ڪيترا شاهد پيش ٿيڻا آهن. جنهن تي پراسيڪيوٽر ٻڌايو ته سندس ڌر جا 9 شاهد آهن عدالت پراسيڪيوٽر کي هدايت ڪئي ته جوابدارن تائين وڪيلن جي پهچ يقيني بڻائي ويندي. ٻڌڻيءَ دوران هادي علي چٺا سوال اٿاريو ته ڪيس عدالت ۾ پيش ڪرڻ نه پيو ويو. ڇاڪاڻ ته سندس موجب اهو شفاف ٽرائل جي اصولن جي ابتڙ آهي. هن چيو ته هو گذريل ان مهينن کان جيل ۾ آهي ۽ ڪيس سمجهه ۾ نٿو اچي ته پنهنجي ڪيس جي ڪارروائي ڪيئن اڳتي وڌائي. هادي علي چٺا چيو ته جيل ۾ ملاقات لاءِ مقرر هنڌن تي ڪيمرا لڳل هوندا آهن. اهڙي صورتحال ۾ وڪيل ۽ موڪل جي وچ ۾ رازداري صلاح مشورو ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ هن چيو ته هن جو سزا ۽ جزا جو فيصلو عدالت کي ڪرڻو آهي. تنهن تي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو ڪيس جي روزاني ٿيندي عدالت فيصلو ڪري سگهي ته هو ۽ ايمان مزاري دهشتگرد آهن يا نه. عدالت ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي 14 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 12 ***

ويا هئا. 308 زخمين ۾ درجن پر پاڪستاني شامل آهن. پاڪستان جي وزيراعظم شهباز شريف حملي جي مذمت ڪندي پاڪستاني شهرين جي مارجڻ ۽ زخمي ٿيڻ تي افسوس ظاهر ڪيو آهي حوثي باغين جا حملا سومر تي به جاري آهن ۽ خميس ۽ مشيط تي فائر ڪيل ميزائيل سعودي ڊفينس سسٽم ناڪام بڻائي ڇڏيا.

بقايا 13 ***

رهندي. ان سلسلي ۾ نوٽيفڪيشن ۾ جاري ڪيو ويو آهي. جنهن موجب پابنديءَ جو اطلاق ڪراچي ڊويزن جي سمورن علائقن ۾ ٿيندو. نوٽيفڪيشن ۾ جاري ڪيو ويو آهي ته امن امان جي صورتحال بابت خدشن سبب پابندي لاڳو ڪئي وئي آهي.

بقايا 14 ***

رن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي. اقبال مارڪيٽ پوليس ۽ شاهين فورس ڪيل ڪارروائي ڪندي هڪ زخمي سميت ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو ويو ٻئي طرف منگهو پير پوليس اجتماع ۽ ڳاهه پرسان فائرنگ جي ڏي وٺ کانپوءِ جو ڳولا جاري ڪي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو. جڏهن ته سندس ساٿي اونداهي جو فائدو وٺي فرار ٿي ويو، جن جي ڳولا جاري آهي. زمان ٽائون پوليس پيٽائي ڪالونيءَ ۾ مبينا مقابلي کانپوءِ هڪ زخمي سميت ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪيو. نيو ڪراچي پوليس سيڪٽر 11 ايل پرسان فائرنگ جي ڏي وٺ کانپوءِ جوابدارن کي ٻنا زخمي ٿيل ۽ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي سرسيد پوليس نارٿ ڪراچي ۾ مبينا مقابلي دوران هڪ زخمي سميت ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪيو، جڏهن ته شاهراهه نورجهان پوليس بلاڪ ڪي جي ڳولا جاري پرسان فائرنگ جي ڏي وٺ کانپوءِ هڪ جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو پوليس موجب جوابدار جا ٻه ساٿي فرار ٿي ويا، جن جي ڳولا جاري آهي پوليس دعويٰ ڪئي آهي ته گرفتار جوابدارن جي قبضي مان هٿيار، شهرين کان ڦريل سامان ۽ موٽر سائيڪلون هٿ ڪيون ويون آهن.

بقايا 15 ***

پٽي ڪمشنر پاران جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب رياست ۽ سرڪاري ادارن خلاف نفرت انگيز تقريرن تي پڻ پابندي لاڳو ڪئي وئي آهي. نوٽيفڪيشن ۾ چتاءُ ڏنو ويو آهي ته هٿيارن جي نمائش تي به پابندي هوندي. جڏهن ته ضلعي جا سمورا سرڪاري ۽ خانگي اسڪول ۽ ڪاليج ٻن ڏينهن لاءِ بند رکڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي ڊپٽي ڪمشنر موجب ضلعي ۾ امن امان جي صورتحال برقرار رکڻ لاءِ اضافي حفاظتي اپاءَ وٺڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي.

بقايا 16 ***

ن دوران هڪ خارجي دهشتگرد مارجي ويو سيڪيورٽي ذريعن موجب، تصديق ٿيل اطلاع ملڻ تي سيڪيورٽي فورسز ٻنون ضلعي ۾ ڪارروائي ڪئي، جنهن دوران هڪ خارجي دهشتگرد مارجي ويو. سيڪيورٽي ذريعن جو چوڻ آهي ته علائقي ۾ خوارج جي موجودگيءَ ۽ سندن چرپر تي سخت نظر رکي پئي وڃي.

بقايا 17 ***

ستان(بي ايل اي) جي 3 دهشتگردن کي گرفتار ڪري ورتو سي ٽي ڊي ترجمان موجب گرفتار دهشتگردن جي قبضي مان 2 دستي بم، هڪ تيار ٿيل ديسي ساخت بم(آءِ اي ڊي) هٿ ڪيو ويو آهي گرفتار دهشتگرد شهر ۾ ڳجهن هنڌن ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي نشانو بڻائڻ جي منصوبه بندي ڪري رهيا هئا. ٻهرين ڪارروائي جي دوران ڀارتي حمايت يافته پابندي مڙهيل دهشتگرد تنظيم بلوچستان لبريشن آرمي(بي ايل اي) سان تعلق رکندڙ 2 دهشتگردن ساجد يوسف ولد محمد يوسف ۽ شوڪت علي عرف شوڪي ولد حضور بخش کي گرفتار ڪيو ويو. جوابدارن جي قبضي مان 2 دستي بم هٿ آيا. سي ٽي ڊي ترجمان موجب اطلاع ملڻ تي پابندي مڙهيل تنظيم بلوچستان لبريشن آرمي سان تعلق رکندڙ 2 تربيت يافته دهشتگرد پنهنجي ڪمانڊرن جي هدايت تي ٽارگيٽ ڪلنگ ۽ فرنٽيئر ڪور(ايف سي) جي موبائل گاڏين تي حملن ۾ ملوث رهيا آهن جيڪي هن وقت ڪراچي ۾ موجود آهن جيڪو پٺي دهشتگردن کي لسبيلا چوڪ بس اسٽاپ جي پرسان ڇاپو هڻي گرفتار ڪيو ويو. شروعاتي جاچ موجب گرفتار دهشتگرد پنهنجي ڪمانڊرن سان مسلسل رابطي ۾ هو ۽ بارودي مواد ذريعي شهر جي ڳجهن هنڌن ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي آفيسن کي نشانو بڻائڻ جي منصوبه بندي ڪري رهيو هو سي ٽي ڊي ٽيم وفاقي ڳجهي اداري جي گڏيل ٽيم ٻئي ڪارروائي جي دوران پابندي مڙهيل دهشتگرد تنظيم فتنه الخوارج تحريڪ طالبان پاڪستان(ٽي ٽي پي) سان تعلق رکندڙ هڪ دهشتگرد داد محمد عرف عادل ولد جلات خان کي گرفتار ڪري ورتو دهشتگرد جي قبضي مان هڪ تيار ٿيل ديسي ساخت بم(آءِ اي ڊي) هٿ آيو سي ٽي ڊي ترجمان موجب گرفتار جوابدار افغانستان ۾ تربيت حاصل ڪري چڪو آهي. جيڪو پنهنجي ڪمانڊر جي هدايت تي ڪراچي ۾ ڳجهن هنڌن ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي نشانو بڻائڻ جي منصوبه بندي ڪري رهيو هو سي ٽي ڊي ٽيم وفاقي ڳجهي اداري سان گڏ اولڊ سبزي منڊي جي هنڌ تي ڇاپو هنيو جتان کيس گرفتار ڪيو ويو جوابدار جي ٻين ساٿين، سهولتڪارن ۽ مالي مددگارن جي نشاندهي ۽ گرفتاري لاءِ ڇاپا جاري آهن. جوابدارن جي خلاف سي ٽي ڊي ٿاڻي ۾ 3 ڪيس داخل ڪيا ويا.

بقايا 18 ***

ڊار جو چوڻ هو ته خطي ۽ دنيا جي لاءِ سڀني کان وڏو چيلنج دهشتگردي آهي. پاڪستان دهشتگردي جي خلاف جنگ ۾ تمام گهڻيون قربانيون ڏنيون آهن. پاڪستان همت، بهادري ۽ مضبوطي سان دهشتگردي جي منهن ڏنو دهشتگردي جي خلاف جنگ ۾ پاڪستان جي معيشت کي سخت نقصان کي منهن ڏيڻو پيو دنيا کي دهشتگردي جي خلاف جنگ ۾ اسان جي قربانين جو اعتراف ڪرڻو پوندو. اسحاق ڊار چيو ته وزيراعظم شهباز شريف جي قيادت ۾ دهشتگردي جي خاتمي لاءِ ڪم ڪيو. قانون لاڳو ڪندڙ ادارا دهشتگردي جي خاتمي لاءِ ڏينهن رات ڪوشان آهن. دهشتگردي جي خلاف جنگ ۾ پاڪستان 90 هزار کان وڌيڪ جانين جو نذرانو پيش ڪيو. دهشتگردي جي خلاف جنگ ۾ هر صوبي کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو آهي. هن چيو ته فيلڊ مارشل سيد عاصم منير دهشتگردي جي خاتمي لاءِ پرعزم آهي. انهي جي هدايت تي روزاني جي بنياد تي دهشتگردن خلاف آپريشن ڪيو پيو وڃي. افغان رجيم تي مسلسل زور ڏيندا رهيا آهيون ته انهي پنهنجي زمين دهشتگردي جي لاءِ استعمال نه ٿيڻ ڏين. دهشتگردي جي معاملي تي ڳالهين جي لاءِ افغانستان جا دورا به ڪيا. پاڪستان جو افغانستان کان صرف هڪ ئي مطالبو آهي ته پنهنجي زمين دهشتگردي جي لاءِ استعمال نه ٿيڻ ڏين. نائب وزيراعظم جو چوڻ آهي ته آگسٽ 2025 ۾ ڪابل ۾ پاڪستان، چين ۽ افغانستان جو ٽه فريقي اجلاس ٿيو بدقسمتي سان دهشتگردي جي معاملي تي افغان اختيارين واعدا پورا نه ڪيا. افغانستان ۾ پابندي مڙهيل ٽي ٽي پي ۽ ٻين دهشتگرد گروپن جي موجودگي خطي ۽ امن جي لاءِ خطرو آهي. سرحد پار کان دهشتگردي دراندازي ڪري اسان جي جوانن، شهرين تي حملو ڪندا آهن. افغان زمين تان ٿيل دهشتگردي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه آهي. دهشتگردي پاڪستان جي اميج ۽ ساک کي نقصان پهچايو وزيراعظم وژن عزم استحڪام جي منظوري صوبن ۽ اسٽيڪ هولڊرز جي مشاورت سان ڏني. اسان جو مقصد بنيادي سببن سميت دهشتگردي جو خاتمو ڪرڻ آهي هر اداري جي پنهنجي ذميواري آهي دهشتگردي جي خاتمي لاءِ وفاق ۽ صوبن کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو هن جو چوڻ هو ته افغان زمين تان پاڪستان تي ٿيل حملا بند ٿيڻ گهرجن. افغان طالبان پاڪستانين کي نشانو بڻايو ويندو آهي جعفر ايڪسپريس کي هاءِ جيڪ ڪرڻ جو منصوبو به افغان زمين تي تيار ٿيو. افغان طالبان رجيم دهشتگردن کي هٿيارن سميت هر قسم جي امداد فوري طور تي بند ڪري. اسحاق ڊار وڌيڪ چيو ته پاڪستان دهشتگردي جي مڪمل خاتمي لاءِ پرعزم آهي. پاڪستان کان عالمي برادري کي آگاهه ڪندو رهيو آهي. دهشتگردن جي خلاف ڪارروائي ڪرڻ پاڻ افغانستان جي پنهنجي مفاد ۾ آهي. جيڪڏهن افغان حڪومت دهشتگردن خلاف ڪارروائي نٿا ڪري ته ڏينهن کان پاڻ به انهي جو نتيجو ڀوڳڻو پوندو هن چيو ته دنيا کي خبر آهي ته ڪلبوشن يادو پاڪستان ۾ دهشتگردي ۾ ملوث هو. ڀارت پاڪستان ۾ دهشتگردي جي پٺڀرائي ۾ ملوث آهي.

بقايا 19 ***

۾ هڪ پاڪستاني شهري مارجي ويو جڏهن ته 11 ڄڻا زخمي به ٿي پيا. سعودي عرب جي جنرل اٿارٽي آف سول ايوي ايشن موجب ابها ايئرپورٽ کي هڪ اڻڄاڻ پروجيڪٽائل سان نشانو بڻايو ويو جنهن جي نتيجي ۾ جاني نقصان ٿيو سعودي اتحادي فوج جي ترجمان موجب ايئرپورٽ جي ٽرمينل 4 تي پروجيڪٽائل ڪرڻ سبب باهه لڳي وئي. جنهن کي ڪنٽرول ڪرڻ جي لاءِ هنگامي امدادي ٽيمون مصروف آهن. سعودي اتحادي فوج جي ترجمان ميجر جنرل ترڪي المالڪي ٻڌايو ته ايئرپورٽ جي پرسان هڪ ڪروز ميزائل کي فضائي دفاعي نظام روڪي ڇڏيو. اختيارين موجب واقعي ۾ ٿيل نقصان ۽ ايئرپورٽ تي اڏامن جي سلامتي جو جائزو ورتو پيو وڃي. حوثي باغين حملن جي ذميواري قبول ڪندي دعويٰ ڪئي ته گذريل 24 ڪلاڪن جي دوران بيلسٽڪ ۽ ڪروز ميزائلن ۽ ڊرونز جي ذريعي چار ڪارروايون ڪيون ويون. حوثين موجب رياض ۽ دمام جي ايئرپورٽس سميت سعودي تيل ڪمپني آرامڪو جي تنصيبات کي نشانو بڻايو ويو. سعودي اختيارين آچر جي شام دمام ايئرپورٽ تي حملي جي به تصديق ڪئي آهي جو حملو اهڙي وقت ٿيو جڏهن ڪنگ خالد انٽرنيشنل ايئرپورٽ ڇنڇر جي ڏينهن ٿيل حملي کان پوءِ پهريان ئي روڪيل هو. ايئرپورٽ تي حملي ۾ 12 ڄڻا مارجي ويا ۽ 300 کان وڌيڪ زخمي ٿي پيا هئا. ڀارتي سفارتخاني به تصديق ڪئي ته ڇنڇر جي حملي ۾ زخمي ٿيل هڪ ڀارتي شهري آچر تي فوت ٿي ويو.

بقايا 20 ***

، لاهور، گدون ۽ ضلعي جي ٻين علائقن ۾ ڪيون ويون آهن گرفتار ڪيل ماڻهن ۾ پي ٽي آءِ جا ڪيترائي مقامي عهديدار ۽ متحرڪ ڪارڪن به شامل آهن جن کي مختلف هنڌن تان ڪارروائين جي دوران گرفتار ڪيو ويو. پوليس ذريعن موجب گرفتار ماڻهن کي لانگ مارچ جي تيارين ۽ امن امان ۾ رنڊڪ وجهڻ جي خدشي سبب گرفتار ڪيو ويو آهي. ٻئي طرف سموري ضلعي ۾ پوليس جي وڏي نفري مقرر ڪئي وئي آهي. جڏهن ته اختيارين طرفان وڌيڪ گرفتارين جو امڪان به ظاهر ڪيو پيو وڃي.

بقايا 21 ***

ڳو ٿيڻ کانپوءِ وڏي وزير سهيل آفريدي کي امن امان خراب ٿيڻ جي خدشي سبب گرفتار ڪرڻ تصديق ڪري چڪي آهي گهرو وزارت به سهيل آفريدي کي حراست ۾ وٺڻ جي تصديق ڪئي آهي جڏهن ته ساڳئي وقت وفاقي وزير عطا تارڙ سومر ڏينهن عالمي ميڊيا جي نمائندن کي بريفنگ ڏيندي چيو ته خيبر پختونخواهه ڪابينا جي ٻين ميمبرن خلاف ڪنهن ڪارروائي بابت فيصلو گورنر جي نگراني ۾ قائم ايڊوائزري ڪائونسل ڪندي. جنهن کان نه واضح ڪيو ته آءِ جي وزيرن کي به ساڳئي بنياد تي حراست ۾ ورتو ويو آهي يا نه قانوني ماهرن موجب، فوجداري ضابطن واري قلم "ٿري ايم پي او" تحت حڪومت ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا ڪنهن به شخص کي حراست ۾ وٺي سگهن ٿا.عطا تارڙ چيو ته 9 مئي وارن واقعن ۾ سهيل آفريدي جي ڪردار لاڳو ڪرڻ يا نه ڪرڻ جو فيصلو به ايڊوائزري ڪائونسل ڪندي. هن الزام هنيو ته سهيل آفريدي جي سرپرستي ۾ صوبائي حڪومت پابندي مڙهيل تحريڪ طالبان پاڪستان (ٽي ٽي پي) سان اقتدار ۾ ڀائيواري، جي فارمولي تي عمل ڪري رهي هئي وفاقي وزير دعويٰ ڪئي ته خيبر پختونخواهه ۾ گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ خلاف عوام روڊن تي نه نڪتا، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته ماڻهو ان قدم جي حمايت ڪن ٿا.ان موقعي تي وفاقي وزير قانون اعظم نذير تارڙ چيو ته ملڪ ۾ پهرين ڀيرو ايمرجنسي لاڳو ناهي ڪئي وئي. ماضي ۾ مختلف حڪومتن دوران ان ڀيرا لاڳو ڪيو قدم کنيو ويو آهي سندس چوڻ موجب گورنر راڄ ۾ ٻه ٻه مهينا ڪري ٽي ڀيرا واڌ ڪري سگهجي ٿي. جڏهن ته وڌيڪ واڌ جو طريقو به آئين ۾ موجود آهي هن چيو ته جيڪڏهن پاڪستان تحريڪ انصاف وفاقي حڪومت جي فيصلي کي سپريم ڪورٽ يا آئيني عدالت ۾ چئلينج ڪيو ته حڪومت پنهنجي قدم جو دفاع ڪندي.اعظم نذير تارڙ موجب، خيبر پختونخواهه ۾ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي صلاحيت وڌائڻ لاءِ اربين روپيا فراهم ڪيا ويا. پر اها رقم اثرائتي نموني استعمال نه ڪئي وئي.وفاقي وزير بلوچستان ۽ خيبر پختونخواهه ۾ دهشتگرديءَ جي وڌندڙ واقعن تي ڳڻتي ظاهر ڪندي چيو ته بلوچستان جو وڏو وزير امن امان جي صورتحال بهتر بڻائڻ لاءِ سرگرم آهي هن الزام هنيو ته سهيل آفريدي دهشتگردن حملن ۾ شهادت ماڻيندڙ پوليس ۽ سيڪيورٽي اهلڪارن جي جنازن ۾ به شرڪت نه ڪندو هو.

بقايا 22 ***

اڃي گادي واري هنڌ اسلام آباد کان ڪنٽينرز هٽائڻ جو ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي. سومر ڏينهن سماجي رابطي جي ويب سائيٽ "ايڪس" تي پنهنجي هڪ بيان ۾ هن چيو ته ڪنٽينرز هٽائڻ سان شهرين کي اچ وڃ ۾ درپيش مشڪلاتون ختم ٿينديون. هن کان اميد جو اظهار ڪيو ته ٻيهر ڪنٽينرز لڳائڻ جي ضرورت نه پوندي.

بقايا 23 ***

ر پختونخواهه ۾ لاڳو ڪيل ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ کي عدالتن ۾ چئلينج ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو. جاري ڪيل بيان ۾ لاهور هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي صدر بابر مرتضيٰ چيو ته غيرقانوني قدم خلاف اعليٰ عدالتن ۾ درخواست داخل ڪئي ويندي. پي سندس چوڻ هو ته اڳاري ڏينهن ڪراچي بار ۾ وڪيلن جي ايڪشن ڪميٽي جو اجلاس ٿيندو، جنهن ۾ مستقبل جي حڪمت عملي جو اعلان ڪيو ويندو ٻئي طرف پاسي پارليامينٽ معاملن واري وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري چيو آهي ته اسلام آباد ۾ رستا بند ڪرڻ لاءِ لڳايل ڪنٽينرن هٽائڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو آهي. جنهن سان شهرين کي اچ وڃ ۾ پيش ايندڙ ڏکيائون ۾ گهٽتائي ايندي ياد رهي ته پاڪستان تحريڪ انصاف طرفان لانگ مارچ جي اعلان کانپوءِ اسلام آباد جي ڪيترن ئي هنڌن تي ڪنٽينر رکي رستا بند ڪيا ويا هئا طارق فضل چوڌري وڌيڪ چيو ته کيس اميد آهي ته شهر ۾ ٻيهر ڪنٽينر لڳائڻ جي ضرورت نه پوندي.

بقايا 24 ***

علامه اقبال اوپن يونيورسٽي مختلف شعبن ۾ تعاون تي اتفاق ڪيو آهي ايسوسيئيٽڊ پريس آف پاڪستان جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر سبين عثمان خٽڪ علامه اقبال اوپن يونيورسٽي جو دورو ڪيو ۽ وائيس چانسلر ڊاڪٽر ناصر محمود سان ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ اي پي پي جي مارڪيٽنگ ۽ آءِ ٽي شعبي سان وابسته ماڻهو پڻ موجود هئا ملاقات ۾ اي پي پي ۽ علامه اقبال اوپن يونيورسٽي جي وچ ۾ مختلف شعبن ۾ تعاون تي ڳالهه ٻولهه ٿي. ان موقعي تي ڊاڪٽر ناصر محمود يونيورسٽي جي مختلف شعبن ۽ انهن جي معاملن بابت بريفنگ ڏني. ايم ڊي اي پي پي سبين عثمان خٽڪ ٻڌايو ته ايسوسيئيٽڊ پريس آف پاڪستان قومي بيانيي جي فروغ ڏئي رهي آهي ۽ ويڊيو نيوز سروس، ڊيجيٽل سميت مختلف قومي، علائقائي ۽ عالمي زبانن ۾ خبرون نشر ڪري ٿي. ملاقات ۾ ان ڳالهه تي اتفاق ڪيو ويو ته اي پي پي ۽ علامه اقبال اوپن يونيورسٽي جي وچ ۾ مختلف شعبن ۾ تعاون جي لاءِ جلد هڪ مفاهمتي يادداشت تي صحيحون ڪيون وينديون.

بقايا 25 ***

ت ٿيڻ جو امڪان آهي. ذريعن موجب پاڪستان پيپلز پارٽي جي پارلياماني ڪميٽي جو اجلاس سڀاڻي شام ايوان صدر ۾ طلب ڪيو ويو آهي. جتي صدر آصف علي زرداري ۽ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري اجلاس جي گڏيل صدارت ڪندا. اجلاس ۾ ملڪي سياسي صورتحال ۽ پارلياماني معاملن بابت اهم معاملا غور هيٺ ايندا. ذريعن جو چوڻ آهي ته بلاول ڀٽو زرداري ڪراچي کان اسلام آباد پهچي ويو آهي جتي هو اجلاس جي دوران پيپلز پارٽي جي پارلياماني ڪميٽي کي ملڪ جي موجوده سياسي صورتحال بابت ڀروسي ۾ وٺندو جڏهن ته ميمبرن کي اڳڀرائي بابت پارٽي جي حڪمت عملي ۽ آئيندي جي لائحه عمل کان آگاهه ڪيو ويندو. ذريعن موجب اجلاس ۾ پارليامينٽ ۾ نون پيش ٿيندڙ بلز جي حوالي سان ميمبرن کي بريفنگ ڏني ويندي. انهي سلسلي ۾ ميمبرن کي قانونسازي بابت معاملن تي آگاهه ڪيو ويندو. هوڏانهن اڄ شام صدر آصف علي زرداري ۽ بلاول ڀٽو زرداري جي وچ ۾ ايوان صدر ۾ اهم ملاقات جو به امڪان آهي.

بقايا 26 ***

تباهه ٿيو آهي جنهن ۾ ٻئي پائلٽ شهيد ٿي ويا آهن آءِ ايس پي آر جي بيان موجب انسٽرڪٽر پائلٽ ميجر حسنين شهزاد ۽ تربيت حاصل ڪندڙ ڪيپٽن عبدالصمد شهيد ٿي ويا آهن.

بقايا 27 ***

. هن ڪرڻ جي علائقائي نوان ڪلي جي پرسان پاڪ فوج جي ايوي ايشن جي تربيتي جهاز کي پيش ايندڙ حادثي ۾ انسٽرڪٽر پائليٽ ميجر حسنين شهزاد، همايون ۽ شاگرد پائلٽ ڪيپٽن عبدالصمد جي شهادت تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو. وزيراعظم شهيدن جي گهرڀاتين سان دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪندي دعا ڪئي ته الله تعاليٰ شهيدن جا درجات بلند فرمائي ۽ سوڳوار خاندانن کي اهو نقصان برداشت ڪرڻ جو حوصلو عطا فرمائي.

بقايا 28 ***

آهن. هن قدم جو مقصد شاگردن جي تعليمي رڪارڊ کي محفوظ بڻائڻ، سرٽيفڪيٽن جي تصديق ڪرڻ ۽ امتحاني نظام ۾ شفافيت کي فروغ ڏيڻ آهي ان موقعي تي يونيورسٽين ۽ تعليمي بورڊن جي وزير محمد اسماعيل راهو چيو ته سنڌ ملڪ جو پهريون صوبو بڻجي ويو آهي جنهن صوبي جي سڀني تعليمي بورڊن کي نادرا جي ڊيجيٽل سسٽم سان ڳنڍڻ لاءِ هڪ معاهدي تي صحيحون ڪيون آهن هي قدم صوبي ۾ تعليمي رڪارڊ کي جديد گهرجن سان هم آهنگ ڪرڻ ۽ امتحاني نظام کي جديد بڻائڻ جي ڊيجيٽل طرف هڪ اهم سنگ ميل آهي سيڪريٽري يونيورسٽين ۽ تعليمي بورڊن محمد عباس بلوچ جي آفيس ۾ منعقد ٿيل معاهدي جي تقريب ۾ يونيورسٽين ۽ تعليمي بورڊن جي وزير محمد اسماعيل راهو، سيڪريٽري محمد عباس بلوچ، ڊائريڪٽر جنرل نادرا ڪراچي عامر علي خان ۽ سنڌ جي سڀني تعليمي بورڊن جي چيئرمينن شرڪت ڪئي محمد اسماعيل راهو چيو ته هن قدم تحت سنڌ جي سڀني تعليمي بورڊن کي نادرا جي محفوظ ڊيجيٽل سسٽم سان ڳنڍيو ويندو، جنهن جي نتيجي ۾ شاگردن جو تعليمي رڪارڊ ڊيجيٽل طور تي محفوظ ۽ تصديق لائق هوندو هن چيو ته هي نظام جعلي سرٽيفڪيٽ ۽ ٻئي اميدوار جي جاءِ تي امتحان ڏيڻ جهڙين غيرقانوني عملن کي روڪڻ ۾ مدد ڪندو يونيورسٽين ۽ تعليم بورڊن جي وزير چيو ته معاهدي تحت، شاگردن جي تصديق ٿيل تعليمي سرٽيفڪيٽ پاڪ آءِ ڊي ايپ تي دستياب هوندا. جڏهن ته صوبي ۾ هر شاگرد لاءِ هڪ منفرد سڃاڻپ نمبر مختص ڪرڻ لاءِ هڪ طريقو به ناهيو ويندو، ته جيئن تعليمي رڪارڊ جي صحيح سڃاڻپ ۽ تصديق کي يقيني بڻائي سگهجي. هن چيو ته سنڌ حڪومت تعليمي نظام ۾ شفافيت، مستند رڪارڊ جي دستيابي ۽ اثرائتي امتحاني عمل کي يقيني بڻائڻ لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي هي منصوبو سرٽيفڪيٽن جي تصديق کي آسان بڻائيندو، دستي دستاويزن تي انحصار گهٽائيندو ۽ تعليمي نظام ۾ عوام جي اعتماد کي وڌيڪ فروغ ڏيندو ان موقعي تي ڊائريڪٽر جنرل نادرا ڪراچي عامر علي خان چيو ته نادرا سنڌ جي تعليمي بورڊن کي مفت ۾ تعليمي رڪارڊ انضمام جي سهولت فراهم ڪندو. اهو شاگردن جي تعليمي رڪارڊ کي منظم ڪرڻ، سندن جي تصديق ڪرڻ ۽ هڪ محفوظ ڊيجيٽل سسٽم قائم ڪرڻ ۾ مدد ڪندو سنڌ حڪومت ۽ نادرا جي وچ ۾ هي معاهدو صوبي جي تعليمي نظام کي جديد ڊيجيٽل سهولتن سان ليس ڪرڻ ۽ امتحانن ۾ شفافيت کي يقيني بڻائڻ جي طرف هڪ اهم قدم آهي.

بقايا 29 ***

ڇڏيو وڃي، اتي ايمرجنسي ٿي لاڳو ٿيندي آهي. عظميٰ بخاريءَ چيو ته جيڪو وڏو وزير ترانئي ۽ جهنڊي جو احترام نه ڪندو هجي. اهو نفرت جوڳو هوندو آهي هن چيو ته گذريل 13 سالن دوران صوبائي حڪومت صوبي کي ڇا ڏنو ۽ عوام کي ڪهڙو ورثو ڏنو، اها سڀني آڏو پڌرو آهي.

بقايا 30 ***

جي اجازت ڏيو، اسان لکي ڏيون ٿا ته پاڻ کي ڪجهه به نه ٻڌائيندا سينيٽ ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ راجا ناصر عباس، چيئرمين پي ٽي آءِ بيرسٽر گوهر ۽ ٻين اڳواڻن سان گڏ پارليامينٽ جي ٻاهران پريس ڪانفرنس ڪندي جي اڳواڻ اڄڪلهه چيو ته مون کي چون ٿا ته محمود خان نئون ملڻ چاهي. مان ملڻ چاهيان ٿو. هر هنڌ تي ملي وٺندس ۾ وزيراعظم هائوس ۽ اسپيڪر آفيس ۾ به ملندس هن چيو ته تحريڪ انصاف کي روڪڻ ڪن ٿا ۽ روڪڻ ۾ ناڪام ٿين، اسان آئين جي ٻاهران ايمرجنسي لڳائي ڇڏي. آئين جي آرٽيڪل 6 لاڳو ٿي موجوده حڪومت سڀني کان وڏي دهشتگرد آهي. جيڪي پارٽيون انهي دهشتگردي جي سپورٽ ڪري رهيون آهن انهي جو تاريخ جو حصو بڻجنديون محمود خان اڄڪلهه چيو ته جن بنيادن تي ڪي پي ڪي ۾ گورنر راڄ لاڳو ڪيو آهي انهي کان وڌيڪ خراب حالتون بلوچستان جون آهن. اڄ بلوچستان فورسز جي لاءِ نوگو ايريا بڻجي چڪو آهي. بلوچستان جو وزيراعليٰ اوهان جو لاڏلو آهي انهي تي ڪجهه قريو ٻيو وڃي انهي تي ڪيڪ به ڪارروائي لاءِ تيار نه آهي. هن چيو ته گورنر راڄ تمام وڏو حملو آهي، اسان پارٽين کي هدايت ڪنداسين ته سڀاڻي کان سموري ملڪ ۾ پنهنجي حيثيت موجب احتجاج ڪندي، هر ضلعي ۾ هن نظام جي خلاف جدوجهد ۾ جاري رکنداسين ۽ ڳالهيون ۽ ايمرجنسي ناهي لڳي ته به سخت احتجاج ڪنداسين. 4 ڪروڙ انسانن جي ووٽ جو مذاق اڏايو ويو آهي هي حڪومت عمران خان کي هتان کان پڇائڻ چاهي ٿي پر اهو وڃڻ لاءِ تيار نه آهي. هن چيو ته پاڪستان تڏهن اڳيان وڌندو جڏهن پارليامينٽ مضبوط ٿيندي. پي ٽي آءِ چيئرمين بيرسٽر گوهر علي خان چيو ته 11 آڪٽوبر جمهوري تاريخ ۾ ڪاري ڏينهن جي طور تي ياد رکيو ويندو. وزيراعليٰ کي گرفتار ڪيو ويو. ڪي پي ڪي جي عوام ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ کي رد ڪري ٿي، پي ٽي آءِ جي نظريي جا حامي جيل ۾ آهن. سڀاڻي اسان جي پارلياماني پارٽي جو اجلاس ٿيندو جنهن ۾ اڳيان جو لائحه عمل طئي ڪنداسين. غيرجمهوري قدمناڪستان جو مقدر جمهوريت آهي. وفاق تڏهن مضبوط ٿيندو جڏهن صوبا مضبوط ٿيندا. حڪومت هٽ ڌرمي ڏيکاري، اوچتو ئي حڪومتي مشينري تبديل ڪئي وئي، حڪومت سان آخري وقت تائين رابطا هئا. سينيٽ ۾ مخالف ڌرجي اڳواڻ علامه راجا ناصر عباس چيو ته اسان جو مقابلو فراڊ ڪندڙ ۽ ڪوڙن سان آهي. گڏيل آئين کي تڪراري بڻايو پيو وڃي. سياسي ڪارڪنن جي دهشتگردن سان مشابهت ڪئي پئي وڃي هن چيو ته اسان جو آئين ٽوڙيندڙن سان واسطو پيو آهي، اچو گڏجي صوبي جي عوام سان گڏجي دهشتگردي جي خلاف وڙهون ٿا. علامه راجا ناصر عباس چيو ته لڳايل ڳالهين هاڻ تمام گهڻو اڳتي وڌي چڪيون آهن جيڪڏهن عوام ساٿ نه ڏنو ته حالتون انهي کان به وڌيڪ خراب ٿينديون.

بقايا 31 ***

جي ٻي قسط جي وصولي جاري آهي ۽ هن وقت تائين 51 هزار 500 پانڌيئڙن رهتن جي ٻي قسط جمع ڪرائي آهي. ٻي قسط جي مد ۾ مجموعي طور 32 ارب 60 ڪروڙ روپيا وصول ٿي چڪا آهن مذهبي معاملن واري وزارت جي ترجمان موجب 26 هزار حج پانڌيئڙن کي ون لنڪ ذريعي، جڏهن ته 2 هزار 126 پانڌيئڙن بئنڪ ڪارڊ ذريعي ادائيگي ڪئي. اهڙي طرح 23 هزار 200 پانڌيئڙن مينوئل بئنڪ چالان ذريعي روڪ رقم جمع ڪرائي. حج پورٽل ذريعي گهر ويٺي آن لائن ادائيگي ڪندڙن جو تناسب 55 سيڪڙو برقرار آهي. ترجمان ٻڌايو ته سرڪاري حج اسڪيم 2027ع تحت رهتن جي ٻي قسط جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ 20 آڪٽوبر آهي.

بقايا 32 ***

ر ڪيو آهي. افسوسناڪ حادثي جي نتيجي ۾ 2 پائلٽ شهيد ٿي ويا. سينيٽ سيڪريٽريٽ مطابق سينيٽ چيئرمين، شهيد پائلٽس جي گهرڀاتين سان دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪيو هن چيو ته شهيد پائلٽس جون ملڪ ۽ قوم لاءِ خدمتون ۽ قربانيون هميشه ياد رکيون وينديون. سيد يوسف رضا گيلاني، دعا ڪئي ته الله تعاليٰ شهيد پائلٽس جي درجن جي بلندي ۽ انهن کي جوار رحمت ۾ اعليٰ مقام عطا ڪري ۽ سوڳوار خاندان کي اهو نقصان برداشت ڪرڻ جو حوصلو ڏئي.

بقايا 33 ***

ي شينگ ٽانگ گروپ جي وفد ملاقات ڪئي آهي. ان موقعي تي شينگ ٽانگ گروپ پاڪستان ۾ سيڙپڪاري جا مختلف موقعا ڳولهڻ ۾ دلچسپي جو اظهار ڪيو وزارت موجب شينگ ٽانگ گروپ پاڪستان ۾ 10 ملين ڊالرن جي ماليت جي مفاهمتي يادداشت تي صحيحون ڪرڻ جي خواهشمند آهي. چيني وفد صنعتي ترقي، انفر اسٽرڪچر، سياحت، اليڪٽرڪ وهيڪلز، ريلوي، توانائي ۽ شهري ترقي جي شعبن ۾ سيڙپڪاري ۾ به دلچسپي جو اظهار ڪيو آهي. ملاقات دوران ڳالهائيندي هارون اختر خان چيو ته وزيراعظم محمد شهباز شريف جي چين سان تعاون جي وژن کي عملي شڪل ڏني پئي وڃي. هن چيو ته وزيراعظم جون واضح هدايتون آهن ته چيني سيڙپڪارن کي سهولتون فراهم ڪيون وڃن هن چيو ته ڪاروبار ۾ آسانيون پيدا ڪيون وڃن هن چيو ته وزيراعظم جي هدايت تي ڪاروبار دوست ريگوليٽري سڌارا متعارف ڪرايا پيا وڃن هن چيو ته پاڪستان ۾ سيڙپڪارن لاءِ لينڊ ليز ماڊل موجود آهي. پرڏيهي سيڙپڪارن لاءِ پاڪستان ۾ سيڙپڪاري جو هي موزون وقت آهي هن چيو ته پاڪستان عالمي سطح تي پنهنجي قابل اعتماد حيثيت ۽ ثابت قدمي جو مظاهرو ڪيو آهي.

بقايا 34 ***

مت ۽ ايچ ٽي پي (ايچ ٽي پي) ڪاٽي جي حڪمن جي روشني ۾، سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي ۾ فوري طور تي ايندڙ حڪمن تائين هڪ ٽائون وائز سسٽم ناهيو ويو آهي ان سلسلي ۾، آفيسرن ۽ عملي جي مقررين ۽ بدليون ڪيون ويون آهن انهي انتظامي فيصلي جو مقصد بلڊنگ ڪنٽرول سسٽم کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ، غير قانوني تعميرات کي روڪڻ، ڪارڪردگي کي تيز ڪرڻ ۽ ٽائون سطح تي شفاف طريقي سان معاملن کي هلائڻ آهي جن ٽائونن ۾ آفيسرن (ڊائريڪٽر، ڊپٽي ڊائريڪٽر، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر، سينئر بلڊنگ انسپيڪٽر ۽ بلڊنگ انسپيڪٽر) کي پوسٽ ڪيو ويو آهي انهن ۾ هيٺيان شامل آهن:

بقايا 35 ***

اد ۾ ڊاڙو قومي شاهراهه تي پڻ ٽرڪ ۽ ڪار وچ ۾ حادثو پيش آيو جنهن جي نتيجي ۾ ٽن عورتن سميت 4 ڄڻا فوت ٿي ويا. جڏهن ته هڪ شخص زخمي ٿي پيو.

بقايا عوامي سوچ 01

جمالي خالد جمالي شاهنواز مير اسد عابد جتوئي گلزار ميمڻ ۽ ٻين استادن جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي مظاهرين خطاب ڪندي چيو ته استادن ڪي سروس اسٽرڪچر ۽ پروموشن سميت جائز حقن کان محروم رکيو پيو وڃي، جڏهن ته پينشن ۾ ڪٽوتي ڪرڻ ۽ استادن جون جبري بدليون ڪرڻ جهڙا قدم پڻ کنيا پيا وڃن. جيڪي ڪين ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهن هنن چيو ته استاد پنهنجيون ذميواريون نڀائيندي ملڪ ۽ قوم جي مستقبل کي سنوارڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا، پر افسوس جو استادن کي پنهنجا جائز حق حاصل ڪرڻ لاءِ احتجاج ڪرڻو پوي ٿو. مظاهرين مطالبو ڪيو ته استادن ڪي سروس اسٽرڪچر ۽ پروموشن ڏنا وڃن، پينشن ۾ ڪٽوتين بابت مسئلا حل ڪيا وڃن ۽ استادن جون جبري بدليون بند ڪري بايو ميٽرڪ سسٽم کي ضلعي سطح تي سينٽر قائم ڪيو وڃي ڪين انصاف فراهم ڪيو وڃي احتجاج ڪندڙ استادن وزيراعلي سنڌ وزير تعليم ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته استادن جا سمورا جائز مطالبا فوري طور منظور ڪري بيچيني ختم ڪئي وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌائڻ ۽ سخت احتجاج ڪرڻ جو چتاءُ ڏنو ويو

بقايا عوامي سوچ 02

۾ ائين ڪلاس جي شاگردن پاران تعليمي نمائش جو ڪيو ويو، جنهن ۾ شاگردن ڀرپور شرڪت ڪئي ۽ مختلف اسٽال لڳايا ويا. شاگردن ۾ عملي سکيا کي هٿي وٺرائڻ ۽ تعليمي سرگرمين کي هٿي ڏيڻ لاءِ ائين ڪلاس جي شاگردن پاران تعليمي نمائش جو اهتمام ڪيو ويو، جنهن ۾ مختلف موضوعن تي اسٽال لڳايا ويا. تعليمي نمائش ۾ اسڪول جي سيني ڪلاسن جي شاگردن ڀرپور شرڪت ڪئي ۽ وڏي جوش ۽ جذبي جو مظاهرو ڪيو. نمائش جو مقصد شاگردن ۾ تخليقي صلاحيتن، عملي سکيا، علمي ڄاڻ ۽ خود اعتمادي کي وڌائڻ سان گڏوگڏ ڪين پنهنجن صلاحيتن جو اظهار ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ آهي. ان موقعي تي استادن سيد مصطفيٰ شاه، محمد طيب هنگورو، عمران هنگورو، اي ڊي تالپر ۽ ظفر ٻڙدي پاران شاگردن جي رهنمائي ۽ حوصلا افزائي ڪئي وئي.

بقايا عوامي سوچ 03

اچ رڪارڊ ڪرايو. تفصيل مطابق . بدين پ ٽ الف جي سڏ تي استادن پاران تعلقه هيڊ ڪوارٽر ۾ مطالبن جي مڃتا لاءِ مين پرائمري اسڪول غريب آباد بدين مان ريلي ڪڍي وئي پ ٽ الف جي جنرل سيڪريٽري سيد حسن شاه، صدر فيض محمد ابڙو، سينئر نائب صدر ڏٽي بخش نوتڪاڻي، جنرل سيڪريٽري ذوالفقار مندرو، ڊ جنرل سيڪريٽري شڪيل احمد ميمڻ، محمد خان سومرو، رانا وسيم ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ وڏي انگ ۾ پرائمري استادن شرڪت ڪئي ۽ استادن پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ نعري بازي ڪئي ۽ اڳواڻن چيو ته فلفور سروس اسٽرڪچر ڏنو وڃي پي ايس ٽي کان ايس ايس ٽي پروموشن لاءِ جلد سروس اسٽرڪچر ڏنو وڃي ڊي پي سي گهرائي وڃي حب ۽ ڪلسٽر اسڪول پروگرام ختم ڪري پرائمري اسڪولن جي اصلي حيثيت بحال ڪئي وڃي ايس ٽي آر جي آڙ ۾ ڏورانهي علائقن ڏانهن بدلي ڪيل استادن کي ويجهن اسڪولن تي بدلي ڪري رکيو وڃي ته جيئن استادن کي اسڪول اچڻ وڃڻ ۾ آساني ٿئي فيول جي بچت ٿئي ۽ جلد وقت تي پهچي تعليم کي جاري رکي سگهن ان سان گڏوگڏ اين سي ايڇ ڊي جي استادن کي پڪو ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 04

ڏ طرفان اعلانيل احتجاجي تحريڪ جي سلسلي ۾ اڄ تعلقه دوڙ پريس ڪلب اڳيان سوين استادن پاران ڀرپور احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي استادن پنهنجي جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ نعريبازي ڪندي مطالبا تسليم ٿيڻ تائين احتجاجي تحريڪ جاري رکڻ جو چتاءُ ڏنو احتجاج ڪندڙ استادن جا اهم مطالبا هيٺين ريت آهن: 1. PST کان JEST ۽ EST کان هيڊ ٽيچر تائين واضح، باقاعده ۽ فائدي وارو سروس اسٽرڪچر منظور ڪيو وڃي. 2. پرائمري استادن جا رڪيل پروموشن بحال ڪري ڊپارٽمينٽل پروموشن ڪميٽي (DPC) جو اجلاس ڪوٺايو وڃي. 3. بايوميٽرڪ سسٽم تحت غيرقانوني طور ڪيل بدلين کي واپس وٺي استادن سان انصاف ڪيو وڃي. 4. باقاعده پڙهائيندڙ NCHD ۽ BECS جي استادن کي ريگيولر ڪري ڪين پرائمري استادن واريون سموريون مراعتون ڏنيون وڃن. 5. ڇهري جي سڃاڻپ واري حاضري جي نظام ۾ ضروري سڌارا آندا وڃن. 6. PST جي پوسٽن جو تحفظ ڪيو وڃي ۽ JEST لاءِ نيون پوسٽون منظور ڪيون وڃن. ان موقعي تي پ ٽ الف تعلقه دوڙ جي صدر سائين جوڙيو ڏاهري، آصف علي چانڊيو، ارباب علي مري، اين سي ايڇ ڊي جي اڳواڻ حافظ عبدالقيوم سومرو ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته استادن جي حقن ۽ جائز مطالبن جي حاصلات لاءِ احتجاجي تحريڪ جو باقاعده آغاز ٿي چڪو آهي. هنن چيو ته استادن جا مسئلا حل ڪرڻ حڪومت جي ذميواري آهي. جيڪڏهن مطالبن کي نظرانداز ڪيو ويو ته احتجاجي تحريڪ کي وڌيڪ تيز ڪيو ويندو. اڳواڻن اعلان ڪيو ته انشاءالله جلد ڪراچي جون سڙڪون به استادن جي احتجاج سان گونجي اٿنديون. احتجاج دوران "استاد اتحاد زنده آباد" جي نعرن جي گونج ۾ استادن پنهنجي اتحاد ۽ جدوجهد جو ڀرپور اظهار ڪيو

بقايا عوامي سوچ 05

اسڪول سجاول کان پريس ڪلب سجاول پهتي جتي جلوس جي صورت اختيار ڪري ويئي جنهن ۾ پ ٽ الف حيدرآباد ڊويزن جي صدر نثار احمد ميمڻ' غلام قادر ڪنيار' شبير ميمڻ' رمضان ٻاگهل' عبدالرزاق سهتو' عبدالعزيز مڇارو ۽ ٻيا شامل هئا اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي استادن سان وڏيون ناانصافيون ٿي رهيون آهن سالن کان ڀرتي ٿيل استاد اڃان تائين ان ٽائيم تائين ڀرتي ڪيل استادن تائين محدود آهن سالن کان ساڳئي پگهارن تي گذارو ٿي رهيو آهي استادن جون عمريون رٽائرمينٽ تي اچي پهتيون آهن پر حڪومت طرفان استادن لاءِ ڪوبه ڌيان نه ڏنو پيو وڃي اڳواڻن حڪومت کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته فوري طور تي استادن جو سروس اسٽرڪچر بحال ڪيو وڃي بائيو ميٽرڪ سميت بدلين جو نظام ضلعي سطح تي آندو وڃي اين سي ايڇ ڊي جي استادن کي ريگيولر ڪري گورنمنٽ پاران مقرر ڪيل پگهار ڏنا وڃن رٽائرڊ ٿيندڙ ۽ پينشن جي عمل سميت ٻيا جائز مطالبا فوري طور حل ڪيا وڃن اڳواڻن سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته استادن جا پيش ڪيل مطالبا فوري حل ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ سي ايم هائوس جو گهيراءُ ڪيو ويندو

بقايا عوامي سوچ 06

ائن گل بيبي شاه سنڌو سنڌي سڪينه سنڌو ڪنير فهميده رنگريز خالده ماڪ فوزيه ناز بلقيس ڪتي سان رهاڻ رچائي ويئي جنهن جي صدارت سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي سيڪريٽري جنرل احمد سولنگي ڪئي تقريب ۾ علي محمد پرويز نواز خان زنئور رمضان ميمڻ غلام قادر باغي مير تگڙ مهمان طور شرڪت ڪئي آجياڻي تقريب سيڪريٽري ناشاد ملاح جڏهن ته اياز امر شيخ شڪيل پارس وزير صنم ساگر ميمڻ ڪوي خاصخيلي يوسف غفور ڪتي زبير جعفراڻي اصغر ميمڻ جسارت الياس جوکيو شهزاد ميمڻ ۽ ٻين عورت ليکڪائن تي لکيل مقالا پڙهيا تقريب ۾ سڄڻ سرائي خدا ڏنو ٿاراڻي عارب مگڻهار سر وکيري واه واه ڪرائي ڇڏي ان موقعي تي سيڪريٽري جنرل احمد سولنگي تقرير ڪندي چيو ته هي پروگرام تمام گهڻو منفرد آهي جنهن ۾ ٺٽي ۽ سڄاول ضلعي جي ست سورمين عورت ليکڪائن سان رهاڻ رچائي ويئي آهي هن قسم جو پروگرام مون سنڌ ۾ ڪٿي به ڏٺو ناهي چوهڙ جمالي جا دوست اهڙو پروگرام ڪرڻ تي جس لهن اسان کي پنهنجي ٻولي سان لڳاءُ هجڻ ڪري سنڌي ۾ لکڻ ئي اها علامت آهي ته اسين پنهنجي ڌرتي جي ٻولي سان چاه رکون ٿا

بقايا عوامي سوچ 07

ت ڪئي ايم اين اي محترم سيد اياز شاه شيرازي کي گلن جي ورکا ۽ ڌهلن شرنائين سان اسٽيڊيم آندو ويو ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي ايم اين اي اياز شاه شيرازي چيو ته پي پي غريبن مزدورن ۽ نوجوانن جي پارٽي آهي چيئرمين بلاول ڀٽو جو اهو مشن آهي ته نوجوانن جي صلاحيتن کي اجاگر ڪيو وڃي جيئن پاڪستان راندين جي دنيا ۾ وڌيڪ سرخرو ٿي سگهي هن چيو ته سنڌ جي نوجوانن ۾ صلاحيتون موجود آهن ليڪن سهولتن جي نه هجڻ ڪري اسان جا نوجوان پٺتي پيل آهن هن چيو ته ان لاءِ ضرورت محسوس ڪندي شاهبندر تعلقي جي مرڪزي شهر چوهڙ جمالي لاءِ هڪ ڪرڪيٽ گرائونڊ جو تحفو ڏنو ويو آهي جنهن جو نالو به بلاول ڀٽو زرداري جي نالي سان منسوب ڪيو ويو آهي جيئن هتان جا نوجوان راندين جي سرگرمين ۾ حصو وٺي ملڪي ليول تي اڳيان اچن ۽ ملڪ ۽ سنڌ صوبي جو نالو روشن ڪن.. هن چيو ته انشاء الله جلد گرائونڊ ۾ وڌيڪ سهولتون ڏياريون وينديون هن وڌيڪ چيو ته شيرازين هميشا ٺٽي ۽ سجاول جي ماڻهن جي رات ڏينهن خدمت ڪئي آهي ۽ سلسلو هميشا جاري رهندو . ان موقعي تي سيد نصير احمد شاه شيرازي سيد احسان شاه شيرازي سيد علي حسنين شاه شيرازي سيد غلام عباس شاه شيرازي سيد ذوالفقار شاه ڏتل منگسي عمر شاه لڪياري پير هاشم شاه ۽ ٻيا اڳواڻ پڻ موجود هئا جڏهن ته سيد اياز علي شاه شيرازي کي مختلف راڄن جي ماڻهن 208 جي لڳ ڀڳ پٽڪن ۽ لنگين اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا

بقايا عوامي سوچ 08

شڪور چاوڙو ممتاز ساقي سومار ڪيهر ۽ ٻين استادن جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي مين بس اسٽاپ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو انهي موقعي تي هنن جو چوڻ هو ته استادن جا جائز مطالبا پروموشن، سروس اسٽريڪچر ڪلسٽر پاليسي جي خاتمو ڪري استادن مان بيچيني ختم ڪئي وڃي پ ٽ الف مرڪز پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ ڏنل سڏ جي موٽ ۾ پ ٽ الف تعلقي شاهبندر پاران ڪيمپس پرائمري اسڪول چوهڙ جمالي مان تعلقي صدر اياز آخوند غلام رسول اوٺو ممتاز شاه شڪور چاوڙو ممتاز ساقي سومار ڪيهر ۽ ٻين استادن جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي مين بس اسٽاپ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو انهي موقعي تي هنن جو چوڻ هو ته استادن جا جائز مطالبا پروموشن، سروس اسٽريڪچر ڪلسٽر پاليسي جي خاتمو ڪري استادن مان بيچيني ختم ڪئي وڃي

بقايا عوامي سوچ 09

شروع ڪيا پيا وڃن جنهن جو مقصد ٿرجي ماڻهن جي مال جي اپت وڌائي ڪين پنهنجي پيرن تي بيهاري خوشحال بنائڻ آهي. هو جانورن جي پالنا واري کاتي ٿرپارڪر جي هيڊ ڪوارٽر مٺي ۾ موجود ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيواسٽاڪ جي آفيس ۾ فيلڊ عملي ۾ موٽرسائيڪلون ورهائڻ واري تقريب کي خاص مهمان طور خطاب ڪري رهيو هو. ان موقعي تي ڳالهائيندي هن چيو ته ٿرپارڪر ۾ لڳ ڀڳ 70 لکن کان وڌيڪ مال موجود آهي جن کي کاتي پاران مفت ٽڪا لڳائڻ سميت علاج معالج جون سهولتون فراهم ڪيو پيون. ان موقعي تي ڳالهائيندي ڊائريڪٽر اينيمل هسبينڊري سنڌ ڊاڪٽر ارشد خانزادي، ڊزيز انويسٽيگيشن آفيسر سنڌ ڊاڪٽر عبدالمنان کوکر ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ/اينيمل هسبينڊري ٿرپارڪر ڊاڪٽر اجئه ڪمار روپاڻي چيو ته ڀهراڙي وارن علائقن ۾ مالوند ماڻهن کي جانورن جي علاج ۽ صحت بابت سهوليتون سندن ويجهو فراهم ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي، جنهن لاءِ فيلڊ عملي کي جديد سهولتون ۽ ضروري وسيلا فراهم ڪرڻ سان گڏ سندن ڪارڪردگي کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو پيو وڃي. ان موقعي تي فيلڊ عملي ۾ 16 موٽر سائيڪلون ورهايون ويون.

بقايا عوامي سوچ 10

موقعي تي خطاب ڪندي پروفيسر حسن پٽي، پروفيسر افتخار شاه ۽ ٻين مقررن چيو ته يومِ نجات ۽ يومِ تشڪر قومي اتحاد، يڪجهتي ۽ وطن سان محبت جي اظهار جو ڏينهن آهي. هنن چيو ته پاڪستان جي سلامتي، خودمختياري ۽ استحڪام لاءِ پاڪ فوج جون خدمتون ساراهه جوڳيون آهن. قوم کي گهرجي ته هو ملڪ ۽ قومي ادارن سان گڏ بيهي اتحاد ۽ يڪجهتي جو مظاهرو ڪري. مقررن وڌيڪ چيو ته نوجوان نسل ملڪ جو مستقبل آهي، تنهنڪري شاگردن کي تعليم حاصل ڪرڻ سان گڏ قومي شعور، حب الوطني ۽ ملڪ جي ترقيءَ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. هنن ملڪ جي ترقي، خوشحالي ۽ سلامتي لاءِ دعا پڻ گهري

بقايا عوامي سوچ 11

نا ڪنهن فرق جي ٿري عوام جي خدمت ڪرڻ ۾ يقين رکان ٿو هن چيو ته عوام جي دعائن سان ۽ پارٽي قيادت جي اعتماد سان هن عهدي تي پهتو آهيان ۽ عوام کي بنيادي سهوليتون ڏيارڻ خاطر ڪوششون ڪري رهيو آهيان ان موقعي تي ڪامريڊ ٽيڪم داس ميگهواڙ، سويو خان لنڊ، پنهون ميگهواڙ، رٽائرڊ انجنيئر چمن لال ڏاماڻي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

بقايا عوامي سوچ 12

مظاهرو ڪيو ويو اسان جي استادن جا جائز مطالبا تسليم ڪيا وڃن مسئلا حل نه ٿيا ته اسان بلاول هائوس سي ايم هائوس آڏو مطالبن جي مڃتا تائين احتجاج جاري رکندا سين، پ ٽ الف صدر ڪلوئي تعلقي صدر انور علي پوٽ جي اڳواڻي ۾ استادن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ پريس ڪلب ڪلوئي آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي پ ٽ الف تعلقي ڪلوئي جي صدر انور پوٽ جنرل سيڪريٽري عبدالرشد نهڙيو سينئر نائب صدر نواز هالو ۽ ٻين جو چوڻ هو ته استادن جي اسٽرڪچر جي منظوري ڏني وڃي ۽ جيڪي تعليم کاتي جي ملازمن کي مقرر تاريخ کان مستقل ڪيو وڃي ۽ بايو ميٽرڪ سسٽم جيڪو ڪراچي ۾ سسٽم آهي انهي کي ضلعي سطح تي ڪيو وڃي جيئن استادن جا مسئلا حل ٿين ڪلسٽر پاليسي ختم ڪري پرائمري نظام کي بحال ڪيو وڃي ايس ٽي آر جي فيئر منصفانه بدلين ۽ استادن کي ٻين پري ڳوٺن ۾ بدلي ڪرڻ خلاف آهي ۽ رٽائرڊ ٿيندڙن جا آرڊر ضلع انتظاميا وٽ حل ڪرايا وڃن جيڪڏهن اسان جي استادن جا جائز مطالبا تسليم ڪيا وڃن مسئلا حل نه ٿيا ته اسان بلاول هائوس سي ايم هائوس آڏو مطالبن جي مڃتا تائين احتجاج جاري رکندا سين

بقايا عوامي سوچ 13

گهڙي سون، پئسا ڪپڙا ۽ بيوقيمتي سامان چوري ڪري رات جي اونداهي جو فائدو وٺي فرار ٿي ويا، جنهن سبب متاثر خاندان کي وڏو مالي نقصان پهتو آهي. جنهن تي ڳوٺاڻن ۽ متاثر خاندان نسيم علي ابڙو ولد سڪندر علي ابڙو آئي جي سنڌ ڊي آئي جي شهيد بينظير آباد ايس ايس پي نوشهروفيروز ايس ايڇ او فريديرو ۽ ايس ايڇ او منياڻي سميت لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته چوري واري واقعي جو نوٽيس وٺي جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي ۽ سندن چوري ٿيل سامان واپس ڪرايو وڃي، جيئن ڪين انصاف ملي سگهي

بقايا عوامي سوچ 14

ن ڪري مقامي آبادي سخت تڪليفن ۽ پريشانيءَ واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهي. ڳوٺ کي مين روڊ سان ملائيندڙ ۽ رابطي جو واحد ذريعو بڻيل صرف هڪ ڪلوميٽر جو روڊ گذريل ڏهن سالن کان سخت زبون حاليءَ جو شڪار بڻيل آهي، جنهن جي مرمت يا نئين سر تعمير لاءِ اڃا تائين ڪي به عملي قدم ناهن کنيا ويا. ڳوٺاڻن مجيد خاصخيلي، يامين خاصخيلي، مهراب خاصخيلي، شير خاصخيلي ۽ ٻين چيو ته گذريل ڏهن سالن کان مڪمل طور تي زبون حال ٿي ويل هن هڪ ڪلوميٽر روڊ تان پيدل هلڻ به ڏکيو ٿي پيو آهي. جڏهن ته ڪنهن ايمرجنسي صورتحال، خاص طور تي سخت بيمارن، حامله عورتن ۽ ٻارن کي علاج لاءِ ويجهي شهر يا ٻين اسپتالن تائين پهچائڻ وقت سخت مشڪلاتن جو منهن ڏسڻو پوي ٿو. وقت تي اسپتال نه پهچڻ سبب اڪثر مريضن جي جانيون پڻ خطري ۾ پئجي وينديون آهن. ڳوٺاڻن وڌيڪ ٻڌايو ته ڳوٺ کي سمنڊ کان بچاءَ لاءِ ڏنل حفاظتي بند انتهائي ڪمزور ٿي چڪو آهي. هاءِ ٽائيڊ يا طوفاني صورتحال دوران سمنڊ جو کارو پاڻي ڪمزور حفاظتي بند کي ٽوڙيندي پاڻي سڌو ڳوٺ ۾ داخل ٿي وڃي ٿو. جنهن سان نه صرف ڳوٺاڻن جا گهر، مال متاع ۽ زمينون متاثر ٿين ٿيون، پر پيئڻ جي پاڻي جا ذريعا پڻ تباهه ٿي وڃن ٿا. ڳوٺ يوسف خاصخيلي جي رهواسين تڪ جي چونڊيل نمائندن صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري، ايم اين اي صادق علي ميمڻ، ترقياتي ادارن ۽ وسوارين اختيارين کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته يو سي محل جي مذڪور ڳوٺ ۾ بنيادي سهولتن جي فراهميءَ کي يقيني بڻايو وڃي، زبون حال بڻيل هڪ ڪلوميٽر روڊ جي ترت تعمير ڪئي وڃي ۽ سمنڊ جي پاڻيءَ کي روڪڻ لاءِ حفاظتي بند کي مضبوط ۽ نئين سر تعمير ڪيو وڃي، ۽ ڳوٺاڻن ۾ پکڙيل بيچيني ۽ تڪليف جو تدارڪ ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 15

ممتاز زال محمد حنيف شيدي، زخمي اميربخش شيدي، مديحه آيت شيدي ۽ ٻين ٺٽي پهچي بااثر ماڻهن جي زيادتين توڙي مٿن بلاجواز حملا ڪري ڪين زخمي ڪرڻ واري عمل خلاف دانهيندي الزام هڻندي چيو ته غلام الله واسي ڪائونسلر الياس خاصخيلي، اڪبر، وقاص، اياز، امجو، نورو، ياسر، محبوب، عبدالرحمن، ارشد، نويد، لطيف، جانزيب، لاريب، نومان خاصخيلي ۽ ٻين مٿن حملو ڪري ڪين زخمي ڪري ڇڏيو آهي، پر پوليس انهن خلاف ڪاب ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، هنن چيو ته مجبور ٿي ايس ايس پي ٺٽو وٽ پيش ٿي ان کي پڻ لکت ۾ دانهن ڏني اهي، جنهن يقين ڏياريون اهي ته سندن ميرپور ساڪرو پوليس هرممڪن مدد ڪندي. هنن چيو ته ساڻن وڏي ناانصافي ٿي اهي، مٿن حملو ڪندڙ بااثر ماڻهون هٿيارن جي نمائش ڪري ڪين موتمار ڌمڪيون ڏين ٿا، جن مان ڪين هر وقت نقصان جو خطرو آهي، هنن سيشن جج ٺٽو، ايس ايس پي ٺٽو سميت سمورن وس وارن کي اپيل ڪئي ته ساڻن انصاف ڪري مٿن حملو ڪندڙ بااثر ماڻهن خلاف ڪاروائي ڪري ڪين تحفظ مهيا ڪيو وڃي، ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 16

ڪلري واهه، ٻاپڙا موري کان مڪلي تائين روڊ تي تيز رفتاري سان هلڻ توڙي مڪلي کان جنگشاهي تائين روڊ جي ٻنهي پاسن کان ديوين جا وڻ وڌڻ ڪري روڊ سوڙهو هجڻ ڪري حادثا پڻ روز جو معمول بڻجي ويا آهن. پر انتظاميه حادثا ڪندڙ ڳرن ٽرالرن توڙي ڊمپرن خلاف ڪاب ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، مقامي رهواسين موجب جابلو ٽڪري ۾ قائم ڪرش پلانٽن هڪ طرف مقامي ڳوٺاڻن جو جيئڻ جنجال بنائي ڪرش پلانٽن مان نڪرندڙ دز، مٽي سبب هڪ طرف مقامي رهواسي ساهه، دم جي بيمارين ۾ وڪوڙجي بسترن پيڙا ٿي ويا آهن ته ٻئي طرف ڌماڪن سبب ڪيترين ئي پڪين جائين کي ڏار پئجي ويا آهن، جنهن ڪري ڳوٺاڻا سخت پريشان آهن. ٻئي طرف تيز رفتار ڊمپر واري موٽر سائيڪل سوار شهباز جاکرو ۽ ساٿس گڏ سندس پيرسن امڙ کي ٽڪر هڻي زخمي ڪري فرار ٿي ويو، جنهن کي مقامي ماڻهن ڪلري واهه وٽان پڪڙي ورتو. جڏهن ته زخمين کي سول اسپتال مڪلي منتقل ڪيو ويو اهي، هتان جي رهواسين وس وارن کان گهر ڪئي آهي ته مڪلي کان جنگشاهي تائين روڊ جي ٻنهي پاسن کان وڌيل ديوين جا وڻ وڍرائي حادثا ڪندڙ ڳرن ٽرالرن توڙي ڊمپرن خلاف ڪاروائي ڪري ڪرش، روهڙي توڙي بجري ڍوئيندڙ ڳرن ٽرالرن توڙي ڊمپرن جو روٽ (رستو) تبديل ڪري مقامي رهواسين کي امڪاني نقصان توڙي وڌيڪ پريشاني کان بچايو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 17

ي مظاهرو ٺٽي ۾ پ ٽ الف ضلعي ٺٽي جي صدر محمد شريف ٽنيو، ضلعي جنرل سيڪريٽري خير محمد بروهي، محمد علي ٻبر، وزير احمد رانوڙ، محمد عثمان سومرو، شاهد حميد مغل، احسان ميمڻ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪري سخت نعريبازي ڪندي چيو ته . جنهن ڪري هو سراپا احتجاج بڻيل آهن، پ ٽ الف اڳواڻن چيو ته استادن کي اڃان تائين سروس اسٽيڪچر ملي ناهي سگهيو، هنن چيو ته پرائمري استاد تعليم جي بنيادي نظام ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا، تنهن ڪري سندن جائز مطالبن کي نظرانداز نه ڪيو وڃي، هنن مطالبو ڪيو ته سنڌ حڪومت سندن مسئلن جو سنجيدگي سان نوٽيس وٺي سروس اسٽرڪچر جي منظوري وارو عمل ترت مڪمل ڪري ڀرتي ٿيندڙ نون استادن کي 3 سالن ۾ ڪنفرم ڪري پڪو ڪرڻ سان گڏ PST ۽ JST جي استادن کي بلاجواز پريشان ڪرڻ وارو عمل بند ڪري استادن جي بدلين جا پاور DEOS ۽ ڊائريڪٽرز کي ڏيڻ سان گڏ بائيو مٽرڪ جي آڙ ۾ شوڪاز ڪڍي استادن کي پريشان ڪرڻ وارو عمل فورن بند ڪري استادن جا جائز مسئلا حل ڪيا ويا وڃن. هنن چيو ته استادن جي جائز مسئلن جي حل لاءِ 14، 15، 16 آڪٽوبر تي 3 ڏينهن تائين پريس ڪلب ٺٽو اڳيان علامتي بک هڙتال قائم ڪرڻ سميت 19 اڪتوبر تي پريس ڪلب ٺٽو اڳيان پ ٽ الف ضلعي ٺٽي جي اڳواڻن ضلعي صدر محمد شريف ٽنيو ۽ ضلعي جنرل سيڪريٽري خير محمد بروهي جي قيادت ۾ پريس ڪلب ٺٽو اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويندو، جنهن بعد مرڪزي ورڪنگ ڪميٽي جي فيصلي موجب استادن جي جائز مسئلن جي حل لاءِ ڪراچي جو رخ ڪيو ويندو، جيڪو احتجاج سمورن مسئلن جي حل تائين جاري رهندو، هنن سنڌ سرڪار کان سمورا جائز مسئلا حل ڪرڻ جو مطالبو ڪيو.

بقايا عوامي سوچ 18

ي ۾ چوهاڻ برادري پاران يارهين شريف جي روحاني محفل عقيدت ۽ احترام سان منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ جماعت قادريه جيلانيه جي روحاني پيشوا اعليٰ حضرت سيد پير غلام رضواني شاهه جيلاني خصوصي خطاب ڪيو محفل ۾ جماعت قادريه جيلانيه جي چيئرمين ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ سيد پير غلام رحماني شاهه جيلاني خصوصي شرڪت ڪئي. ان موقعي تي مريدن، عقيدتمندن ۽ علائقي واسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري پنهنجي عقيدت جو اظهار ڪيو. روحاني محفل ۾ ذڪر و اذڪار ۽ ديني تعليمات جي ماحول ۾ عقيدتمندن ڀرپور شرڪت ڪئي. چوهاڻ برادري پاران مهمانن جي آجيان ڪئي وئي ۽ محفل ۾ شرڪت ڪندڙن جو شڪريو ادا ڪيو ويو.a

بقايا عوامي سوچ 19

لي حسن زرداري کان مدد جي اپيل مڪلي جي ناريجو ڳوٺ جي رهواسڻ، پيپلز پارٽي جي ورڪر ۽ 9 ٻارن جي ماءُ آنا ڪنول غربت سبب پنهنجي خاندان سميت فاقاڪشي واري زندگي گذارڻ تي مجبور ٿي وئي آهي. سندس چوڻ موجب، غربت ۽ ٿليسميا جي علاج لاءِ سهولتون نه هجڻ سبب سندس چار ٻار حياتي وڃائي چڪا آهن، جڏهن ته وڌيڪ ٻه ٻار پڻ ٿليسيميا جي مرض ۾ مبتلا آهن. ميڊيا سان ڳالهائيندي آنا ڪنول ٻڌايو ته هوءَ هڪ غريب عورت آهي ۽ سندس خاندان سخت مالي پريشانين کي منهن ڏئي رهيو آهي. هن چيو ته سندس مڙس معذور آهي، جنهن جو معذوري وارو ڪارڊ پڻ ٺهيل آهي، پر ڪيس سول اسپتال مڪلي ۾ سوئيپر جي نوڪري تان هٽايو ويو آهي، جنهن سبب سندن گهر ۾ روزي روٽي جو مسئلو سنگين ٿي ويو آهي. آنا ڪنول جو چوڻ هو ته گهر ۾ فاقاڪشي واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي، جڏهن ته سندس بيمار ٻارن جي علاج لاءِ وٽن وسيلا موجود ناهن. هن سنڌ جي صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري کي ميڊيا جي ذريعي اپيل ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته سندس خاندان جي مالي مدد ڪئي وڃي، مڙس کي بيهر روزگار فراهم ڪرڻ لاءِ قدم کنيا وڃن ۽ ٿليسميا ۾ مبتلا ٻارن جي علاج جو بندوبست ڪيو وڃي، جيئن سندس معصوم ٻارن جون زندگيون بچائي سگهجن.

بقايا عوامي سوچ 20

ڻ.استادن جون جبري بدليون بند ڪري بائيوميٽرڪ ضلعي ليول تي آڻن لاءِ پ ٽ الف جي مرڪزي احتجاجي سڏ تي جوهي ۾ پ ٽ الف ضلع دادو جنرل سيڪريٽري غازي خان جمالي ۽ ٻين اڳواڻن عابد علي پند، پ ٽ الف تعلقه صدر اڪبر علي لغاري، محمد امين لغاري، عبدالقيوم رودناڻي، عنايت علي ڪوسو، ۽ٻين جي اڳواڻي ۾ مين پرائمري اسڪول جوهي کان احتجاجن هٿن ۾ بينر پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي مظاهرو ڪري نيشنل پريس ڪلب جوهي اڳيان ڌرڻو هڻي علامتي بک هڙتال جاري رکي ان موقعي تي پ ٽ الف دادو جوهي جي اڳواڻن چيو آهي ته اسان سنڌ سرڪار کي چارٽر آف ڊمانڊ ڏنو آهي جنهن ۾ سروسز اسٽرڪچر 2021 کان پي ايس ٽي کان جي ايس ٽي جا پروموشن جا دروازه بند ڪيا ويا آهن جڏهن ته صوبائي وزير تعليم سيد سردار علي شاه ۽ سيڪريٽري ۽ ٻين زميوارن سان گڏيل ميٽنگ تي هئي جتي هنن پڪو واعدو ڪيو ته ٽن مهينن اندر سمورا جائز مسئلا حل ٿيندا مگر سرڪار بدنيتي ڪري گذريل 6 سالن کان روڪي ڇڏيا آهن جڏهن ته فيس ويري فڪيشن ڪن اڳ ايپ آيوبائيو ميٽرڪ آئي سمورن هٽ ناٽن جي رزلٽ فيل وئي اهڙين استاد دشمن منصوبن کي اسان رد ڪريون ٿا جڏهن ته 2008 2014 ,2015 وارا استاد اجاتائين ڪانٽريڪ تي آهن بائيوميٽرڪ ۽ بدليون استادن کي مجبور ڪري انهن کان روشوت ورتي وڃي ٿي اسان جوهي ڀيو مرحلو جنگ جو ماحول اختيار ڪري ورتو آهي آخر ۾ هنن اختيارن کان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته بائيو ميٽرڪ , استادن جون بدليون لوڪل آفيسرن حوالي ڪري چارٽر آف ڊمانڊ منظور ڪري استادن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ سڄي سنڌ جي استادن جي هر وک ڪراچي ڏانهن هوندي.

بقايا عوامي سوچ 21

ٽيل اسڪول جا چاپوڙا ڪرڻ لڳا جڏهن ت اتي جا شاگردن، استادن ڳوٺاڻن ميڊيا کي ٻڌائيندي چيو ت گزريل ٽن سالن اسڪول جي حالت تمام خراب آهي بنيادي ڪنهن ب شيءِ جي سهولت ناهي، واش روم، بجلي اها ب ناهي اڄ ب پڙهائي دوران اسڪول جي ڇت جا چاپوڙا ڪري پيا جنهن سب شاگرد زخمي ٿيا ۽ هتي جا ايجوڪيشن آفيسر اسڪول وزٽ ڪرڻ نتا اچن جنهن سبب اسڪول ان حالت ۾ آهي شاگردن جو چوڻ هو ت استاد اچن ٿا اسان کي پڙهائين ٿا ۽ اسان کي پڙهڻ جو شوق آهي پر اسان جو اسڪول صحيح حالت ۾ ناهي جنهن ڪري اسان کي خوف بڻيل آهي. استادن، شاگردن، ۽ اسڪول جي هيڊ ماسٽر محمد موسي ڪاندڙو ۽ هتي جو ڳوٺاڻو معزز وڏيرو ممتاز پليجو چيو ت هتي 400 جي لڳ ڀڳ گهر آهن ۽ هي هتي واحد اسڪول آهي جيڪو مڪمل زبون ٿي چڪو آهي ڪيڏي مهل ب جاني نقصان ٿي سگهي ٿو هنن ڊي ئي او پرائمري سجاول، ۽ ڊائريڪٽر ايجوڪيشن پرائمري حيدرآباد ۽ وزير تعليم سنڌ کان پرزور مطالبو ڪيو ت اسان کي اسڪول جي مڪمل نئين سر عمارت تعمير ڪرائي ڏني وڃي ت جيئن اسين بهتر نموني سان تعليم حاصل ڪري سگهون. ۽ ڪو ٻارن جو جاني نقصان ب ن ٿيئي..

بقايا عوامي سوچ 22

فيسٽيول 2026 ڀرپور جوش ۽ جذبي سان جاري آهي. فيسٽيول ۾ گوگاسر، مٺي ۽ ٿرپارڪر جي مختلف تعلقن سميت ميرپورخاص، بدين، ٽنڊي محمد خان ۽ ٺٽي سان تعلق رکندڙ ٽيپ بال ڪرڪيٽ جي ٽيمن حصو ورتو. ايونٽ ۾ مجموعي طور 24 ٽيمن وچ ۾ دلچسپ ۽ سنسني خيز مقابلا ٿيا، جن ڪانپوءِ مختلف ٽيمن سيمي فائنل ۽ فائنل مرحلن لاءِ ڪواليفاءِ ڪيو. فيسٽيول جي ٻئي ڏينهن ڪرڪيٽ جا اهم سيمي فائنل ۽ فائنل مقابلا ٿيا، جڏهن ته سنڌ جي روايتي راندين ملاڪڙي، ونجهوٽي ۽ ڪوڏي ڪوڏي جا مقابلا پڻ شوقينن جي خاص دلچسپيءَ جو مرڪز بڻيا. ان موقعي تي ضلعي راندين واري آفيسر واشديو مالهي خطاب ڪندي چيو ته هي فيسٽيول نوجوان رانديگرن کي پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪرڻ لاءِ بهترين موقعو فراهم ڪري رهيو آهي. ان سان گڏ علائقي ۾ راندين جي سرگرمين کي هٿي ملندي، ڀائيچاري کي فروغ ملندو ۽ نوجوانن کي صحتمند تفريح جا موقعا پڻ ميسر ٿيندا. هن چيو ته ٿرپارڪر جي گوگاسر ۾ نئين تعمير ٿيل حاجي عارف جوٽيجو اسپورٽس ڪمپليڪس ۾ راندين جي هن شاندار ميلي جو انعقاد علائقي جي نوجوانن لاءِ هڪ خوش آئند قدم آهي. گوگاسر نائٽ اسپورٽس فيسٽيول راندين، جوش، جذبي ۽ نوجوانن جي ڪاميابين جو جشن آهي. واشديو مالهي وڌيڪ چيو ته راندين ۽ نوجوانن جي معاملن وارو کاتو ٿرپارڪر جي نوجوانن جي روشن مستقبل ۽ راندين جي واڌاري لاءِ پرعزم آهي. فيسٽيول ۾ راندين سان دلچسپي رکندڙ ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ رانديگرن جي حوصلا افزائي ڪئي

بقايا عوامي سوچ 23

ر المعروف شري امر لال جي سالياني اڏ جاتي ميلي جون تقريبون ٿي گذري سنڌ توڙي پاڪستان مان، ياترين حاضري ڀري اڏيرو لال :مذهبي رواداري، محبت ۽ ڀائيچاري جي علامت سنڌ جي مشهور درگاهه حضرت شيخ محمد طاهر المعروف اڏيرو لال جي سالياني اڏ جاتي ميلي جون تقريبون ٿي گذريو جتي سنڌ جي مختلف شهرن ۽ ٻين علائقن مان ياترين شرڪت ڪئي. ميلي جي موقعي تي درگاهه اڏيرو لال ۽ ان جي آسپاس صفائي سترائي، روشني ۽ سيڪيورٽي جا انتظام پڻ سخت ڪيا ويا . جڏهن ته ياترين جي سهولت لاءِ مختلف انتظام ڪيا ويا آهن. سالياني ميلي دوران مذهبي عقيدت ۽ احترام سان گڏ ثقافتي ۽ روايتي پروگرامن جو به اهتمام ڪيو ويو آهي، جنهن سبب ميلي ۾ ايندڙ ياترين ۾ خوشي ۽ جوش ڏسڻ ۾ آهي.

بقايا عوامي سوچ 24

محفل، عالمن، نعت خوانن ۽ علائقي واسين جي وڏي انگ ۾ شرڪت ڳڏاپ جي قديمي ۽ تاريخي ڳوٺ خميسو جوکيو ۾ يارهين شريف جي سلسلي ۾ هڪ پروقار، بابرڪت ۽ ايماني جذبي سان سرشار روحاني محفل جو اهتمام ڪيو ويو. محفل ۾ علائقي جي مذهبي شخصيتن، سماجي اڳواڻن ۽ اهاليان ديه وڏي تعداد ۾ پنهنجي اتاهه مذهبي عقيدت ۽ احترام سان شرڪت ڪئي. محفل جو باقاعده آغاز تلاوتِ ڪلامِ پاڪ سان ڪيو ويو. ان کان پوءِ محفل کي خصوصي خطاب ڪندي جليل القدر عالمِ دين حضرت علامه مولانا محمد زاهد عطاري ديني تعليمات، اخلاقي قدرن ۽ اولياءِ ڪرام خصوصاً حضور غوثِ اعظم دستگير جي سيرتِ طيبه تي تفصيلي روشني وڌي. هن پنهنجي يادگار خطاب ۾ چيو ته اولياءِ ڪرام جي آستانن ۽ تعليمات مان حاصل ٿيندڙ درس اسان کي محبت، امن ۽ انسان دوستي جو پيغام ڏئي ٿو، جنهن تي عمل ڪري اسان پنهنجي دنيا ۽ آخرت سنوارائي سگهون ٿا. نعتن جا نظرانا ۽ روحاني فضا محفل دوران مٺي آواز جي مالڪ ۽ مشهور نعت خوان محمد نبيل شاهه قادري بارگاهه رسالت مآب ۾ پنهنجي انتهائي خوبصورت ۽ دلڪش انداز ۾ نعتن جا گلدستا پيش ڪيا. سندس نعتن جي پڙهڻ دوران سينن ۾ محبتِ رسول جو جذبو جڳهي پيو ۽ سڄي محفل سبحان الله جا نعرا هڻي ايماني ماحول سان معطر ٿي وئي. ڳوٺ خميسو جوکيو جي جامع مسجد جي امام ۽ خطيب مولانا محمد جهانگير عطاري پڻ خاص طور تي شرڪت ڪئي ۽ انتظامي معاملن کي بهتر انداز ۾ سنڀاليو. محفل دوران ذڪرِ الاهي، درودِ پاڪ ۽ ديني ڳالهين ذريعي ماڻهن ۾ مذهبي شعور ۽ اسلامي تعليمات کي عام ڪرڻ تي زور ڏنو ويو. ملڪي سلامتي لاءِ دعا ۽ تبرڪ جي ورهاست پروگرام جي پڄاڻي تي ملڪ ۽ قوم جي ترقي، سلامتي، امن امان ۽ ڀائيچاري جي فروغ لاءِ خصوصي رقت آمز دعا گهري وئي. محفل جي اختتام تي آيل سمورن مهمانن ۽ شرڪاءَ ۾ لنگر ۽ تبرڪ ورهايو ويو.

بقايا عوامي سوچ 25

سميت هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو پوليس موجب گرفتار جوابدار جي سڃاڻپ رضوان علي جتوئي طور تي آهي جنهن جي قبضي مان بنا لائسنس ٽي ٽي پسٽل، ميگزين ۽ گوليون هٿ ڪيون ويون پوليس گرفتار جوابدار خلاف سنڌ آرمز ايڪٽ جي سيڪشن 23(I)A تحت ايف آءِ آر نمبر 64/2026 تحت پوليس اسٽيشن جهانگڙو ۾ داخل ڪيو ويو آهي

بقايا عوامي سوچ 26

جنهن دوران عورتن کان ڦرجي وارداتن ۾ ملوث هڪ جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته سندس ٻه ساٿي اونداهي جو فائدو وٺي فرار ٿي ويا ايس ايڇ او روهڙي ثناء الله کونهارو موجب گرفتار زخمي جوابدار جي سڃاڻپ عبدالغفار گوپانگ طور تي آهي جنهن جي قبضي مان هڪ ٽي ٽي پستول ميگزين سميت هٿ ڪيو ويو آهي پوليس جو چوڻ آهي ته گرفتار جوابدار عورتن کان پرس،زيور ۽ ٻيون قيمتي شيون ڦر ڪرڻ جي ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث هجڻ سبب گهربل هو پوليس موجب فرار ٿيل جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪوششون جاري آهن هوڏانهن ايس ايس پي سکر احمد چوڌري پوليس پارٽي جي واکاڻ ڪئي آهي

بقايا عوامي سوچ 27

جي حد ڳوٺ غلام نبي جتوئي جي رهواسي عرفان علي پٽ محمد سليمان جتوئي پنهنجي مٿان پستل جو فائر ڪري مبينا خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي زخمي نوجوان کي وارثن تعلقه اسپتال روهڙي پهچايو جتان ابتدائي طبي امداد فراهم ڪرڻ بعد ڪيس ڳنڀير جوڳي حالت ۾ سکر اسپتال ريفر ڪيو ويو آهي پٽڻي پوليس موجب واقعي جو ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيو آهي ان حوالي سان جاچ ڪئي پئي وڃي

بقايا عوامي سوچ 28

ي، عمران سومرو، وسيم کوکر، امان الله هنگورو ۽ ٻين استادن هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي مين پرائمري اسڪول کان دادو پريس ڪلب تائين پيادل مارچ ڪيو ۽ پنهنجي مطالبن جي حق ۾ نعريبازي ڪئي، احتجاج ڪندڙ استادن چيو ته سروس اسٽرڪچر جي فراهمي، اپائنٽمينٽ کي ريگيولر ڪرڻ، بايوميٽرڪ نظام ۽ بدلين جا اختيار ضلعي سطح تي منتقل ڪرڻ سميت ٻين مطالبن بابت پ ٽ الف مرڪز پاران سنڌ حڪومت کي چارٽر آف ڊيمانڊ پيش ڪيو ويو هو، پر افسوس جو اڃا تائين ان تي عمل نه ٿي سگهيو آهي، هنن چيو ته سنڌ جي ڏيڍ لک کان وڌيڪ استادن کي سروس اسٽرڪچر کان محروم رکڻ ناانصافي آهي، استاد پنهنجيون ڊيوٽيون نيڪ نيتي ۽ ذميواريءَ سان سرانجام ڏئي رهيا آهن، پر ان باوجود سنڌ حڪومت پاران ساڻن ٻه اکيائي وارو سلوڪ ڪيو پيو وڃي، مظاهرين سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته استادن جا جائز مطالبا فوري طور منظور ڪري چارٽر آف ڊيمانڊ تي عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي، هنن چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وڌايو ويندو

بقايا عوامي سوچ 29

خالد سولنگي جي گهر اڳيان بيٺل موٽر سائيڪل چوري ٿي وئي، جنهن کانپوءِ اڄ ٻيهر ساڳئي علائقي ۾ موٽر سائيڪل چوري ڪرڻ جي ڪوشش دوران ٻاڙي وارن هڪ نوجوان کي پڪڙي ورتو. پڪڙيل نوجوان جي سڃاڻپ رشيد احمد پنهور طور ڪئي وئي آهي، جيڪو جوهي تعلقي جي ڳوٺ دوست محمد پنهور جو رهواسي ٻڌايو وڃي ٿو. ٻاڙي وارن نوجوان کي چري سميت پڪڙي ٻي سيڪشن پوليس حوالي ڪري ڇڏيو، جڏهن ته پوليس پاران واقعي بابت جاچ جاري آهي. هوڏانهن پ پ ستي دادو جي صدر احمد نواز سولنگي شهر ۾ وڌندڙ بدامنيءَ تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو جلد نوٽيس وٺي شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن

بقايا عوامي سوچ 30

.درگاهه اندر داخل ٿيڻ بعد سيني جو مذهب فقط انسانيت بڻجي وڃي ٿو. هن بزرگ جا سال ۾ مختلف ڏيهاڙا ملهايا وڃن ٿا. عرس مبارڪ هندو چيٽ جي موسم ۾ چيٽي چنڊ طور ۽ مسلمان جاٽ جي نالي سان ملهائيندا آهن جتي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان اوڏيرولال جا مريد باسون ۽ سکا کڻي پهچن ٿا... چنڊ تي لعل سائين جي جوت جڳائي ويندي آهي انهي ڏينهن تي اسان پنهنجي شيوا پوجا پاٺ ڪندا آهيون ۽ اهي ڏينهن اسان وڏي ڌام ڌوم سان ملهائيندا آهيون ، اسان هندو هن درگاهه تي شيو ۽ پوجا پاٺ ڪندا آهيون جڏهن ته مسلمان پنهنجي عبادت ڪندا آهن پر ايترو وقت گذري ويو آهي پر هندن ۽ مسلمانن ۾ ڪو اٽوٽنڊڙ وقعو پيش نه آهيو آهي) شيخ محمد طاهر رحمت الله عليه المعروف امر اوڏيرولعل درگاهه جي متولي سرفراز شيخ ٻڌايو ته هي بزرگ نصرپور کان اڏري آهيو جنهن بعد هن بزرگ اڏيرو جي نالي سان مشور ٿيو جڏهن ته سائين کي لعل جو لقب لعل قلندر شهباز رحمت الله عليه ڏنو جنهن بعد سائين کي اوڏيرولعل جا نالي سڏيو ويندو آهي هي دنيا جي واحد درگاهه آهي جتي هڪ هي چوديواري اندر مسجد ۽ مندر موجود آهي ۽ هن بزرگ جي پيراهندي مندر ۽ سراهندي مسجد ۽ ٻنهي جي وچ ۾ سائين جو آخري آرام گاهه آهي هن درگاهه تي هندو مسلمان گڏ اچي عبادت ڪن ٿا چو جو هتي امن آهي هتي ڪوبه فرقو فساد ناهي هن بزرگ جو پيغام هي انسانيت آهي) ڪيمو مل جو وڌيڪ چوڻ آهي ته هن درگاهه اوڏيرولعل تي هڪ قديمي پاڻي جو کوهه پڻ موجود آهي جنهن کي اسان هندو انچلي تور استعمال ڪندا آهيون هتي چمڙي جا مريض اچي هن پاڻي سان وهنجن ٿا ۽ صحتياب ٿي وڃن ٿا. هن درگاهه جي وڻن جي حوالي سان درگاهه جي متولي سرفراز شيخ ٻڌايو ته ان درگاهه ۾ هڪ ڪٻڙ جو وڻ پڻ موجود آهي جيڪو شيخ محمد طاهر رحمت الله عليه المعروف امر اوڏيرولعل ڪٻڙ جي وڻ جو ڏندڻ استعمال ڪري هتي لڳايو جيڪو اڄ ڪٻڙ جي وڻ جي صورت ۾ موجود آهي جنهن مان رمضان جي مهيني ۾ ڪنڊ وهندي آهي پوري ملڪ جا ماڻهو رمضان جي مهيني ۾ اچي ڪٻڙ جي وڻ جو ڪنڊ ڪائيندا آهن اوڏيرولعل جي درگاهه تي آيل پائنديئڙن جو چوڻ آهي ته اسان هر سال درگاهه اوڏيرولعل تي دعا وٺڻ هيندا آهيون هتي هندو مسلمان کي انهن جي مذهبي ڏهاڙن جي ڏينهن جون مبارڪون ڏيندا آهيون ۽ مسلمان وري هندوهن جي مذهبي ڏهاڙن جون ,, هتي ڪو به فساد ڪونهي مسلمان هندو هتي گڏ محبت سان رهن ٿا

بقايا عوامي سوچ 31

۾ شرڪت ڪئي ريلي جي اڳواڻي پ ٽ الف جي صدر استاد محمد ذڪريا ٻرڙو،اعجاز احمد شيخ،ذوالفقار علي جانوري،منظور احمد ٻرڙو ۽ ٻين ڪئي ريلي مختلف رستن کان ٿيندي پريس ڪلب پهتي جتي شرڪت ڪندڙ استادن پنهنجي مطالبن جي حق ۾ زوردار نعريبازي ڪندي سروس اسٽرڪچر جي بحاليءَ جو مطالبو ڪيو ان موقعي تي استادن چيو ته سروس اسٽرڪچر جي بحالي سندن بنيادي ۽ جائز حقن مان هڪ آهي جنهن جو مسئلو فوري طور حل ٿيڻ گهرجي جيئن استادن کي سندن قابليت،تجربي ۽ ملازمت واري عرصي موجب ترقيءَ جا مناسب موقعا ملي سگهن هنن مطالبو ڪيو ته استادن جي سروس اسٽرڪچر جي بحاليءَ واري معاملي کي وڌيڪ دير ڪانسواءِ حل ڪري ڪين سندن جائز حق ڏنا وڃن استادن جو چوڻ هو ته سروس اسٽرڪچر جي بحث مسئلن جي حل ۾ مدد ملندي احتجاج ۾ شريڪ استادن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته استادن جي مسئلن کي سنجيدگيءَ سان وٺندي سروس اسٽرڪچر جي بحاليءَ لاءِ ترت قدم کنيا وڃن جيئن استادن ۾ پيدا ٿيل بيچيني ختم ٿي سگهي ۽ ڪين پنهنجي پيشاور ذميوارين جي ادائيگيءَ لاءِ بهتر موقعا فراهم ٿي سگهن احتجاج ڪندڙ استادن واضح ڪيو ته سندن جدوجهد جو مقصد جائز مطالبن جي مڃتا ۽ استادن جي حقن جو تحفظ آهي هنن لاڳاپيل اختيارين تي زور ڀريو ته معاملي کي اوليت جي بنياد تي حل ڪري سروس اسٽرڪچر بحال ڪيو وڃي جيئن استادن کي ترقيءَ جي عمل ۾ پيش ايندڙ رڪاوٽن کان ڇوٽڪارو ملي سگهي

بقايا عوامي سوچ 32

صيت سائين قادر موليپوٽو جي ياد ۾ هڪ شاندار تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺايو ويو آهي جيڪو سندس زنده سماجي خدمتن، بي لوث جدوجهد ۽ اڻمٽ ڪردار کي ڀيٽا پيش ڪرڻ جو هڪ تاريخي ۽ پُراثر سلسلو هو. هن فڪري ۽ اخلاقي وابستگي سان ڀرپور پروگرام جو پسمنظر ۽ اهميت ينگ سوشل نيٽورڪ ساڪرو جي ست سان گڏجي علائقي جي نامور اڳواڻن سائين رزاق ڪلمتي، صاحب خان ڪلمتي ۽ سائين علم دين رند پاران رکي وئي هئي، جنهن ۾ سڄي سنڌ مان ڪهي آيل نامور علمي، ادبي دانشورن، ڪامريڊن، سياسي، سماجي، قومپرست اڳواڻن، صحافين ۽ هر مڪتبِ فڪر جي نمائندن ڀرپور شرڪت ڪَري سائين قادر جي حياتي، سندس عزم ۽ عوامي خدمتن جي رستي کي ورجايو آهي. تقريب ۾ گهارو ٽائون ڪميٽي جي چيئرمين جام احسان جوکيو ۽ ميرپور ساڪرو جي اڳوڻي ايم پي اي امير حيدر شاهه شيرازي جيئي سنڌ محاذ جي وائيس چيئرمين نواز شاه پاڏائي سيد خدا ڏنو شاه امرديپ ڊاڪٽر پي ڊي ڪيلاڻي پڻ خصوصي طور شرڪت ڪري مرحوم جي وارثن سان تعزيت جو اظهار ڪيو. پروگرام دوران سائين نواز شاهه پاڏائي پنهنجي دل سوز ۽ جذباتي تقريري انداز ۾ سائين قادر موليپوٽو کي سرموڙ لفظن ۾ ياد ڪندي چيو ته قادر موليپوٽو رڳو هڪ نالو نه پر لاڙ جي ڌرتيءَ جو اهو سچو پيار هو، جنهن پنهنجي سڄي زندگي سماجي خدمت ۽ حق جي رستي تي اڏول رهي گذاري، ۽ هي تعزيتي ميڙاڪو هن حقيقت جو پڪو ثبوت آهي ته جيڪي ڪردار عوام جي دلين ۾ پنهنجي سچائيءَ جا نقش ڇڏيندا آهن، اهي ڪڏهن به نٿا مرن پر تاريخ جي پڙهجندڙ بابن ۽ ڏاهن جي سڪ ۾ هميشه امر رهن ٿا. هن يادگار تقريب ۾ سوڳوار خاندان پاران منصور قادر موليپوٽو، انور موليپوٽو، امير بخش موليپوٽو، نصرالله موليپوٽو ۽ عظيم موليپوٽو سميت وڏي تعداد ۾ دوستن، عزيزن ۽ پيارن شرڪت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 33

و، نوجوان جو لاش فوري طور ڳوٺ الهه آباد پهچايو ويو، جتي لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو ۽ وارثن ۾ روڄ راڙو پئجي ويو، جڏهن ته وارثن جون اوچنگارن سبب ماحول سوڳوار بڻجي ويو. ٽرالر ۽ ڊرائيور مورو جي ڪورائي ٿاڻي تي پوليس جي تحويل ۾ آهن.

نمائندا گهرجن
هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن
وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان
دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

تلهار: پ ٽ الف تعلقا تلهار طرفان استادن جي جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ ريلي

مين گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڪان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي پريس ڪلب تلهار پهتي

اسد عابد جتوئي گلزار ميمڻ ۽ ٻين استادن جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

استادن کي سروس اسٽرڪچر ۽ پروموشن سميت جائز حقن کان محروم رکيو پيو وڃي

تلهار (رپورٽر مختيار احمد ملاح) تلهار: پ ٽ الف تعلقا تلهار طرفان استادن جي جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ مين گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڪان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي پريس ڪلب تلهار پهتي، جتي محمد بخش لغاري وحيد / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

احتجاج
احتجاج
احتجاج
پ ٽ الف تعلقہ تلهار ضلع بدين

گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ اٺين ڪلاس جي شاگردن پاران تعليمي نمائش جو ڪيو ويو

اڏيرولال (رپورٽ، ثاقب نور ساهووال) اڏيرولال جي ڳوٺ طاهر هنگورو جي گورنمينٽ هاءِ اسڪول/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

پ ٽ الف جي استادن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ تعلقہ هيڊ ڪوارٽر ۾ احتجاج

بدين (رجب راهمون) پ ٽ الف جي استادن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ تعلقہ هيڊ ڪوارٽر ۾ احتجج/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

تعلقہ دوڙ ۾ پ ٽ الف سنڌ جي احتجاجي تحريڪ جي شروعات

پريس ڪلب اڳيان سوين استادن جو مظاهرو، مطالبا مڃڻ تائين تحريڪ جاري رکڻ جو اعلان

جي مڃتا لاءِ نعريبازي ڪندي مطالبا تسليم ٿيڻ تائين احتجاجي تحريڪ جاري رکڻ جو چتاءُ ڏنو

1. PST کان JEST ۽ EST کان هيڊ ٽيچر تائين واضح، باقاعده ۽ فائدي وارو سروس اسٽرڪچر منظور ڪيو وڃي

دوڙ (رپورٽ: ڪاشف علي رند) تعلقہ دوڙ ۾ پ ٽ الف سنڌ جي احتجاجي تحريڪ جي شروعات، پريس ڪلب اڳيان سوين استادن جو مظاهرو، مطالبا مڃڻ تائين تحريڪ جاري رکڻ جو اعلان آل سنڌ پرائمري ٽيچر ايسوسيئيشن (پ ٽ الف) سن/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

سڄي سنڌ جيان پ ٽ الف سجاول استادن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي ريلي

جيڪا چانڊيا اسڪول سجاول کان پريس ڪلب سجاول پهتي جتي جلوس جي صورت اختيار ڪري ويئي

شبير ميمڻ، رمضان ٻاگهل، عبدالرزاق سهتو، عبدالعزيز مڃارو ۽ ٻيا شامل هئا

سجاول (رپورٽ امتياز ميمڻ) سڄي سنڌ جيان پ ٽ الف سجاول استادن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جيڪا چانڊيا / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

سنڌي ادبي سنگت جوهڙ جمالي پاران سجاول ۽ ٺٽي ضلعي جي ست سورمين عورت ليکڪائن سان رهاڻ منعقد

سڪينہ سنڌو ڪنير فهميده رنگريز خالده ماڪ فوزيہ ناز بلقيس ڪٽي سان رهاڻ رچائي وئي

جنهن جي صدارت سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي سيڪريٽري جنرل احمد سولنگي ڪئي

تقريب ۾ علي محمد پرويز نوازخان زنئور رمضان ميمڻ غلام قادر باغي مير تگڙ مهمان طور شرڪت ڪئي

جوهڙ جمالي (رپورٽ شاهد حسيني) سنڌي ادبي سنگت جوهڙ جمالي پاران سجاول ۽ ٺٽي ضلعي جي ست سورمين عورت ليکڪائن سان رهاڻ منعقد ڪئي وئي ساس جوهڙ جمالي جي ميزباني هيٺ سجاول ۽ ٺٽي ضلعي جي عورت ليکڪ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

پي پي غريبن مزدورن ۽ نوجوانن جي پارٽي آهي: اياز شاهہ شيرازي

اياز علي شاهہ شيرازي پاران جوهڙ جمالي ۾ ڪروڙين رپين جي لاڳت سان تيار ڪيل بلاول ڀٽو اسٽيڊيم جي شاندار افتتاحي تقريب منعقد

سيد اياز شاهہ شيرازي کي گلن جي ورکا ۽ دهلن شرنائين سان اسٽيڊيم آندو ويو

چيئرمين بلاول ڀٽو جو اهو مشن آهي تہ نوجوانن جي صلاحيتن کي اجاگر ڪيو وڃي

جوهڙ جمالي (رپورٽ شاهد حسيني) ايم اين اي سيد اياز علي شاهہ شيرازي پاران جوهڙ جمالي ۾ ڪروڙين رپين جي لاڳت سان تيار ڪيل بلاول ڀٽو اسٽيڊيم جي شاندار افتتاحي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ هزارين جي تعداد ۾ ماڻهن شرڪ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

پ ٽ الف مرڪز پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ ڏنل سڏ جي موٽ ۾ احتجاجي ريلي

استادن جا جائز مطالبا پروموشن، سروس اسٽرڪچر ڪلسٽر پاليسي جي خاتمو ڪري استادن مان بيچيني ختم ڪئي وڃي

استادن جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي مين بس اسٽاپ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

استادن جا جائز مطالبا پروموشن، سروس اسٽرڪچر ڪلسٽر پاليسي جي خاتمو ڪري استادن مان بيچيني ختم ڪئي وڃي

جوهڙ جمالي (رپورٽ شاهد حسيني) پ ٽ الف مرڪز پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ ڏنل سڏ جي موٽ ۾ پ ٽ الف تعلقي شاهبندر پاران ڪيمپس پرائمري اسڪول جوهڙ جمالي مان تعلقي صدر اياز آخوند غلام رسول اوٺو ممتاز شاهہ / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

ٿرپارڪر جي ماڻهن جي جيئاپي جو دارومدار مال تي آهي: ڊاڪٽر حزب الله ڀٽو

ان ڪري سندن مال جي واڌ ويجهہ لاءِ جانورن جي پالنا واري ڪاتي پاران ڪيترائي منصوبا شروع ڪيا پيا وڃن

ان ڪري سندن مال جي واڌ ويجهہ لاءِ جانورن جي پالنا واري ڪاتي پاران ڪيترائي منصوبا شروع ڪيا پيا وڃن

جنهن جو مقصد ٿرجي ماڻهن جي مال جي اپت وڌائي ڪين پنهنجي پيرن تي بيهاري خوشحال بڻائڻ آهي

مٺي (ڊ ـ ر محمد رحيم مگريو) ڊائريڪٽر جنرل لائيو اسٽاڪ سنڌ ڊاڪٽر حزب الله ڀٽو چيو آهي تہ ٿرپارڪر جي ماڻهن جي جيئاپي جو دارومدار مال تي آهي ان ڪري سندن مال جي واڌ ويجهہ لاءِ جانورن جي پالنا واري ڪاتي پاران ڪيترائي منصوبا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج سجاول جي استادن ۽ شاگردن پاران يوم نجات ۽ يوم تشڪر جي حوالي سان ريلي

جنهن جي اڳواڻي پروفيسر حسن ڀٽي، پروفيسر افتخار شاهہ ۽ ٻين استادن ڪئي

شرڪت ڪندڙن قومي جهنڊا کڻي پاڪستان زنده باد ۽ پاڪ فوج زنده باد جا نعرا هنيا

سجاول (رپورٽ امتياز ميمڻ) گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج سجاول جي استادن ۽ شاگردن پاران يوم نجات ۽ يوم تشڪر جي حوالي سان ريلي ڪڍي وئي، جنهن جي اڳواڻي پروفيسر حسن ڀٽي، پروفيسر افتخار شاهہ ۽ ٻين استادن ڪئي ريلي ۾ استادن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. شرڪت ڪندڙن قومي جهنڊا کڻي پاڪستان زنده باد ۽ پاڪ فوج زنده باد جا نعرا هنيا. ان/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

ايم پي اي سريندر ولاسائي ڪلوئي ۾ سريندر هائوس عوام سان کليل ڪچهري منعقد

عوام جا مسئلا ٻڌا ۽ انهن کي حل ڪرائڻ جو پڻ يقين

آئون بنا ڪنهن فرق جي ٿري عوام جي خدمت ڪرڻ ۾ يقين رکان ٿو

مٺي (ڊ ـ ر محمد رحيم مگريو) بلاول هائوس ڪراچي جي ميڊيا ترجمان ۽ ايم پي اي سريندر ولاسائي ڪلوئي ۾ سريندر هائوس عوام سان کليل ڪچهري منعقد ڪري عوام جا مسئلا ٻڌا ۽ انهن کي حل ڪرائڻ جو پڻ يقين ڏيارينديچيو تہ آئون ب/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11



گورمينٽ بوائز پرائمري اسڪول يوسف پليجو اسڪول جي عمارت زبون حالي بڻيل

گذريل ڏه سالن اسڪول جي حالت تمام خراب آهي بنيادي ڪنهن ب شيءِ جي سهولت ناهي

واش روم، بجلي اها ب ناهي اڄ ب پڙهائي دوران اسڪول جي ڇت جا ڇاپوڙا ڪري پيا

دڙو (رپورٽ طلعت آڪاش ڀٽي) دڙو ويجهو ڳوٺ فقير احمد پليجو ۾ گورمينٽ بوائز پرائمري اسڪول يوسف پليجو اسڪول جي عمارت زبون حالي ب/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

جوهي، سنڌ جي پرائمري استادن جي جائز مطالبن لاءِ ريلي

مين پرائمري اسڪول جوهي کان احتجاجن هٿن ۾ بينر پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي مظاهرو

اسان سنڌ سرڪار کي چارٽر آف ڊمانڊ ڏنو آهي

جوهي (رپورٽ رحيم بخش ميمڻ) جوهي. سنڌ جي پرائمري استادن جي جائز مطالبن سروس اسٽرڪچر، ڊيٽ آف انيشل اپاٽمينٽ ريگيولر ڪر/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

مڪلي جي ناريجو ڳوٺ جي رهواسڻ آنا ڪنول جي گهر ۾ فاقاڪشي

۾ وڏيڪ ٻار ٿليسيميا جي مرض ۾ مبتلا، صوبائي وزير علي حسن زرداري کان مدد جي اپيل

آنا ڪنول غربت سبب پنهنجي خاندان سميت فاقاڪشي واري زندگي گذارڻ تي مجبور ٿي وئي

ٺٽو (رپورٽ واحد شورو) مڪلي جي ناريجو ڳوٺ جي رهواسڻ آنا ڪنول جي گهر ۾ فاقاڪشي، ۾ وڏيڪ ٻار ٿليسيميا جي مرض ۾ مبتلا، صوبائي وزير ع/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

چليا لڳ ڳوٺ صوف خاصخيلي ۾ چوهاڻ برادري پاران يارهين شريف جي روحاني محفل منعقد

روحاني پيشوا اعليٰ حضرت سيد پير غلام رضواني شاهہ جيلاني خصوصي خطاب ڪيو

ٺٽو (رپورٽ واحد شورو) چليا لڳ ڳوٺ صوف خاصخيلي ۾ چوهاڻ برادري پاران يارهين شريف جي روحاني محفل منعقد چليا لڳ ڳوٺ صوف خاصخيل/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

پرائمري اسڪول ٽيچرس ايسوسيئيشن (پ ٽ الف) ضلعي ٺٽي پاران پنهنجي جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج

شاهد حميد مغل، احسان ميمڻ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪري سخت نعريبازي

ساٿن ماٽيلي ماءُ وارو رويو اختيار ڪري سندن جائز مسئلا ب حل نٿا ڪيا وڃن

ٺٽو (رپورٽ واحد شورو) پرائمري اسڪول ٽيچرس ايسوسيئيشن (پ ٽ الف) ضلعي ٺٽي پاران پنهنجي جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ هڪ احتجاج/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

ٺٽي ويجهو جابلو ٽڪرين ۾ لڳل ڪريشن پلانٽن مان ڪريش

ديرين جا وڻ وڍڻ ڪري روڊ سوڙهو هجڻ ڪري حادثا پڻ روز جو معمول بڻجي ويا

انتظاميہ حادثا ڪندڙ ڳرن ٽرالرن توڙي ڊمپرن خلاف ڪا ب ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي

ٺٽو (رپورٽ واحد شورو) ٺٽي ويجهو جابلو ٽڪرين ۾ لڳل ڪريشن پلانٽن مان ڪريش، روهڙي، بجري ڍوئيندڙ ڳرن ڊمپر توڙي ٽرالرن وارن گلمندا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

غلام الله شهر جي خاصخيلي محلي جي رهواسي متاثر شيدي برادري جي عورتن جو احتجاج

لاريب، نومان خاصخيلي ۽ ٻين مٿن حملو ڪري ڪين زخمي ڪري ڇڏيو آهي

پر پوليس انهن خلاف ڪا ب ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي

ٺٽو (رپورٽ واحد شورو) غلام الله شهر جي خاصخيلي محلي جي رهواسي متاثر شيدي برادري جي عورت توڙي مرد زخمي عورت مسمات/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

يونين ڪائونسل محل جو قديمي ڳوٺ يوسف خاصخيلي بنيادي سهولتن کان محروم بڻيل

جنهن ڪري مقامي آبادي سخت تڪليفن ۽ پريشانيءَ واري زندگي گذارڻ تي مجبور

صرف هڪ ڪلوميٽر جو روڊ گذريل ڏهن سالن کان سخت زبون حاليءَ جو شڪار بڻيل آهي

ڪيٽي بندر (رپورٽر نادر علي خليفو) يونين ڪائونسل محل جو قديمي ڳوٺ يوسف خاصخيلي بنيادي سهولتن کان محروم بڻيل آهي، جنہ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

نسيم علي ابڙو ولد سڪندر علي ابڙو جي گهر ۾ گهڙي سون، پئسا ڪپڙا ۽ ٻيو قيمتي سامان چوري

جنهن سبب متاثر خاندان کي وڏو مالي نقصان پهتو آهي

سندن چوري ٿيل سامان واپس ڪرايو وڃي، جيئن ڪين انصاف ملي سگهي

مٺياڻي (رپورٽ: ميول خان مستوئي) مٺياڻي پرسان ڳوٺ سيهڙا ۾ رات 1بجي 4 نامعلوم چورن نسيم علي ابڙو ولد سڪندر علي ابڙو جي گهر ۾/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

ڪلوئي ۾ پ ٽ الف جي سڏ تي تعلقي صدر انور علي پوٽ جي اڳواڻي ۾ استادن پاران احتجاج

اسان جي استادن جا جائز مطالبا تسليم ڪيا وڃن مسئلا حل نہ ٿيا

اسان بلاول هائوس سي ايم هائوس آڏو مطالبن جي مڃتا تائين احتجاج جاري رکندا سين

مٺي (ڊ ر محمد رحيم مگريو) ڪلوئي ۾ پ ٽ الف جي سڏ تي تعلقي صدر انور علي پوٽ جي اڳواڻي ۾ استادن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

گوگاسر ۾ ٻن ڏينهن وارو نائيٽ اسپورٽس فيسٽيول 2026 جوش ۽ جذبي سان جاري، 24 ٽيمن جي شرڪت

مختلف تعلقن سميت ميرپورخاص، بدين، ڏگهي محمد خان ۽ ٺٽي سان تعلق رکندڙ ٽيپ بال ڪرڪيٽ جي ٽيمن حصو ورتو

ايونٽ ۾ مجموعي طور 24 ٽيمن وچ ۾ دلچسپ ۽ سنسني خيز مقابلا ٿيا

جن ڪانپوءِ مختلف ٽيمن سيمي فائنل ۽ فائنل مرحلن لاءِ ڪواليفاءِ ڪيو

ميرپورخاص (بيورو چيف سومار سميجو) راندين جي واڌاري ۽ نوجوان رانديگرن جي همت افزائيءَ لاءِ راندين ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي جي سهڪار سان حاجي عارف جوڻيجو اسپورٽس ڪمپليڪس گوگاسر ۾ ٻن ڏينهن وارو گوگاسر نائٽ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

شري امر لال جي سالياني اڌ جاتي ميلي جون تقريبون ٿي گذري

اڏيرو لال (رپورٽ ثاقب نور ساهووال) اڏيرولعل ۾ مذهبي رواداري جي علامت درگاه شيخ محمد طاه/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

گڏاپ ڳوٺ خميسو جوکيو ۾ يارهين شريف جي پروقار ۽ روحاني محفل

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) گڏاپ ڳوٺ خميسو جوکيو ۾ يارهين شريف جي پروقار ۽ روحاني/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

روهڙي ويجهو جهانگڙو پوليس جي ڪارروائي، بنا لائسنس پسٽل سميت هڪ جوابدار گرفتار

روهڙي ويجهو ايس ايچ او جهانگڙو پوليس پارٽي سان گڏ گشت دوران ڪارروائي

بنا لائسنس ٽي ٽي پسٽل سميت هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو

گرفتار جوابدار جي سڃاڻپ رضوان علي جتوئي طور ٿي آهي

روهڙي (رپورٽر) روهڙي ويجهو جهانگڙو پوليس جي ڪارروائي، بنا لائسنس پسٽل سميت هڪ جوابدار گرفتار تفصيل موجب روهڙي ويجهو ايس ايچ او جهانگڙو پوليس پارٽي سان گڏ گشت دوران ڪارروائي ڪندي بنا لائسنس ٽي ٽي پسٽل / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

گذريل رات ڏوهہ جي ارادي سان بيٺل ڦورن ۽ پوليس وچ ۾ مبينا مقابلو

عورتن کان ڦرجي وارداتن ۾ ملوث هڪ جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار

سندس ٻہ ساٿي اونداهي جو فائدو وٺي فرار ٿي ويا

روهڙي (رپورٽ : جمال ڪٽپر) روهڙي ٿاڻي جي حد ۾ جاڙي ماءِ پرسان گذريل رات ڏوهہ جي ارادي سان بيٺل ڦورن ۽ پوليس وچ ۾ مبينا مقابلو ٿي پيو / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

نوجوان پاران پاڻ مٿان پسٽل جو فائر ڪري آپگهات جي ڪوشش، ڳڻتي جوڳي

ڳڻتي جوڳي حالت ۾ سکر اسپتال منتقل ،واقعي جو ڪارڻ معلوم نہ ٿي سگهيو

عرفان علي پٽ محمد سليمان جتوئي پنهنجي مٿان پسٽل جو فائر ڪري مبينا خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي

زخمي نوجوان کي وارثن تعلقہ اسپتال روهڙي پهچايو جتان ابتدائي طبي امداد فراهم ڪرڻ بعد ڪيس ڳڻتي جوڳي حالت ۾ سکر اسپتال ريفر

روهڙي (رپورٽر) روهڙي ويجهو پٽني ٿاڻي جي حد ۾ نوجوان پاران پاڻ مٿان پسٽل جو فائر ڪري آپگهات جي ڪوشش، ڳڻتي جوڳي حالت ۾ سکر اسپتال منتقل ،واقعي جو ڪارڻ معلوم نہ ٿي سگهيو تفصيل موجب روهڙي ويجهو پٽني ٿاڻي / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

دادو ۾ پرائمري ٽيچرس ايسوسيئيشن جو احتجاجي ڌرڻو سروس اسٽرڪچر سميت مطالبا منظور ڪرڻ جو مطالبو

استادن جي چارٽر آف ڊيمانڊ تي عمل نہ ٿيڻ خلاف مين پرائمري اسڪول کان پريس ڪلب تائين پيادل مارچ

مطالبا نہ مڃڻ جي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌائڻ جو چتاءُ

هنن چتاءُ ڏنو تہ جيڪڏهن مطالبا تسليم نہ ڪيا ويا تہ احتجاج جو دائرو وڌيڪ وڌايو ويندو

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنہ) پرائمري ٽيچرس ايسوسيئيشن (پ ٽ الف) جي مرڪزي سڏ تي دادو ۾ استادن پنهنجي جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪري دادو پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو ان موقعي تي امتياز لنڊ، عنايت جمال/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

دادو ۾ بدامني جاري، موٽر سائيڪل چوري ڪندي نوجوان چري سميت پڪڙي پوليس حوالي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنہ) دادو شهر ۾ بدامني ۽ موٽر سائيڪلن جي چورين جا واقعا جاري آهن، جڏهن تہ شهرين هڪ موٽر سائيڪل چوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندڙ نوجوان کي چري سميت پڪڙي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو. تفصيل موجب دادو جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ آدم خان سولنگي محلي مان گذريل ڏينهن/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

اوڏيرو لال جي درگاهہ هن انتهاپسندي واري دور ۾ مذهبي آهمنگي جو بيحد سهڻو مثال بڻيل

درگاهہ اندر داخل ٿيڻ سان مذهبي فرق اونچ نيچ، اڇي ڪاري جي ڪا بہ خبر نہ ٿي پوي

درگاهہ اندر داخل ٿيڻ بعد سيني جو مذهب فقط انسانيت بڻجي وڃي ٿو

چنڊ تي لعل سائين جي جوت جڳائي ويندي آهي انهي ڏينهن تي اسان پنهنجي شيوا پوڄا پاٺ ڪندا آهيون

مٽياري (تعلقہ رپورٽر غلام نبي چنو) اوڏيرو لال جي درگاهہ هن انتهاپسندي واري دور ۾ مذهبي آهمنگي جو بيحد سهڻو مثال بڻيل درگاهہ اندر داخل ٿيڻ سان مذهبي فرق اونچ نيچ، اڇي ڪاري جي ڪا بہ خبر نہ ٿي پوي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

پ ٽ الف مرڪز جي سڏ تي پ ٽ الف روهڙي پاران استادن جي سروس اسٽرڪچر جي بحاليءَ لاءِ احتجاج

ذوالفقار علي جانوري،منظور احمد ٻرڙو ۽ ٻين ڪئي ريلي مختلف رستن کان ٿيندي پريس ڪلب پهتي

ذوالفقار علي جانوري،منظور احمد ٻرڙو ۽ ٻين ڪئي ريلي مختلف رستن کان ٿيندي پريس ڪلب پهتي

سروس اسٽرڪچر جي بحالي سندن بنيادي ۽ جائز حقن مان هڪ آهي جنهن جو مسئلو فوري طور حل ٿيڻ گهرجي

روهڙي (رپورٽ : جمال ڪٽپر) پ ٽ الف مرڪز جي سڏ تي پ ٽ الف روهڙي پاران استادن جي سروس اسٽرڪچر جي بحاليءَ لاءِ گذريل ڏينهن بيڙي چوڪ کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي احتجاجي ريلي ۾ استادن وڏي انگ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31

پنيور جي تاريخي پڙ تي سينئر مرحوم صحافي قادر موليپوٽو جي ياد ۾ عظيم الشان تعزيتي ميڙاڪو

عظيم الشان تعزيتي ميڙاڪو، سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ ادبي شخصيتن پاران ڀيٽا پيش

جتي صدين جون هوائون ۽ موجون پنهنجي الڳ داستان ٻڌائن ٿيون

گهارو (رپورٽ عبداللطيف)پنيور جي تاريخي پڙ تي سينئر مرحوم صحافي قادر موليپوٽو جي ياد ۾ عظيم الشان تعزيتي ميڙاڪو سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ ادبي شخصيتن پاران ڀيٽا پيش سماج سڌارڪ ۽ صحافين خطاب ڪندي چيو تہ جتي صدين جون هوائون ۽ موجون پنهنجي الڳ داستان ٻڌائن ٿيون، لاڙ جي ڌرتيءَ جي سڄي پيار سينئر صحافي، ادبي ۽ سماجي شخ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر32

ڳوٺ الهہ آباد جو رهواسي نوجوان 32 سالا رميز احمد پٽ عبدالمجيد پنهور حادثي ۾ فوت

نوجوان جو لاش فوري طور ڳوٺ الهہ آباد پهچايو ويو

جتي لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو ۽ وارثن ۾ روڄ راڙو پئجي ويو

دادو (ڊ ـ ر) دادو لڳ قلعجي اسٽيشن ٿاڻي جي حد ڳوٺ الهہ آباد جو رهواسي نوجوان 32 سالا رميز احمد پٽ عبدالمجيد پنهور موري کان دادو اينڊي، ڪوراڻي ٿاڻي جي حد ۾ چنگچي رڪشا ۽ ٽرالر جي ٽڪر جي نتيجي ۾ موقعي تي فوت ٿي وي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر33